






# چنڊ آ ٻانهُن ۾

## (شاعري)

## چمن "آر" ٽري

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: چندَ آ پانھُن ۾
ليکڪ: چمن آر ٿري
موضوع: شاعري
ڇاپو: پھريون
سال: ©2017ع
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: سائل مھراڻ
ٽائٽل: سائل مھراڻ
ڇپائيندڙ: دليپ دوشي لوھاڻو
اتساھ پبليڪيشن، مٺي ٿرپارڪر،سنڌ
ڇپيندڙ:
قيمت: 200 روپيا

**[Poetry]**

*By : Chaman R Thari*

Edition: First
Year: © 2017
Price: Rs. 200-00


## اسٽاڪسٽ

شاھ لطيف ڪتاب گھر، گاڏي کاتو حيدرآباد۔ ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد۔
شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاھ۔ ڪاڻياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي۔ رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو۔
مھراڻ ڪتاب، کپرو۔ العزيز ڪتاب گھر، عمرڪوٽ۔ المدينہ ڪتاب گھر، ڇاڇرو۔
ٿر ڪتاب گھر، مٺي۔ ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص۔ المھراڻ ڪتاب گھر، سانگھڙ۔
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميھڙ۔ مرچولال بوڪ ڊيپو بدين۔ سوجھرو ڪتاب گھر، بدين۔
مھراڻ بوڪ سينٽر، سکر۔ سنڌ ڪتاب گھر، شڪارپور۔ وسيم ڪتاب گھر شڪارپور۔
سچل ڪتاب گھر، درزا۔ ڪنول ڪتاب گھر، مورو۔
سارنگ ڪ2تاب گھر ڪنڊيارو





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چندَ پانھُن ۾“** اوھان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ھي ڪتاب خوبصورت شاعر **چمن آر ٿري** جي شاعريءَ جو مجموعو آھي. وسيم سومرو لکي ٿو:

”چمن آر ٿري سنڌ جو اڀرندڙ سُھڻو شاعر آھي. ھن جي شاعري سچ پچ ٿر جي اڄ جو مھاڳ آھي، جنھن ۾ لوڪ ڏنن جھڙي رواني ۽ ڏيئن جھڙي روشنيءَ جي ساڄاھ آھي. چمن پنھنجي شاعريءَ ۾ ھڪ بي چين روح وانگر نظر اچي ٿو. جنھن جي اڪين ۾ ستارن جيان بي انت موضوع آھن. جن ۾ پنھنجي حالتن جو درد چٽيل آھي. جنھنڪي پڙھي خبر پئي ٿي تہ ھي شاعر مسلسل پنھنجي شاعريءَ جي پنڌ تي محو سفر آھي.“

ھي ڪتاب **اتساھ پبليڪيشن مٺي** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آھي. ٿورائتا آھيون پياري سائل مھراڻ جا جنھن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، لک قرب چمن آر ٿري جا جنھن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني، مھربانيون دليپ دوشي لوھاڻي جون جيڪو سنڌ سلامت جو سھڪاري آھي.

اوھان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاھ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رھنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



واهوندي جي واءَ ۾ پپر پن ڇڻن،
تنهنجا درد ڪرڻ، ماءِ! منهنجي ماٿو ۾!





**ارپيم**

**توکي !**

# فهرست

ٻہ لفظ اُتساھ جا — دليپ دوشي لوهاڻو
ڏات ۽ ڏانوَ جو شاعر (مهاڳ) — آسي زميني
پرت جي ڪارڪ جهڙو منفرد شاعر — وسيم سومرو
روهيڙي جهڙي شاعري — نواز خان زئور
درد جي مُصوري — اياز رضوي
واٽون ويھ ٿيون — چمن آر ٿري
غزل
نظم
چوسٽا





# اداري پاران

ٿر ۾ جيڪر نظم جا خوبصورت شاعر ڳڻجن تہ چمن ٿري پڻ انهي ڳاڻيٽي ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن جديد نظم تي انتهائي خوبصورتي سان ڪم ڪيو آهي. سندس لکيل هر نظم جي هڪ هڪ سٽ مان نفيس احساس ۽ محبت پريا جذبا ڇُلڪن ٿا. پنهنجي مزاج ۾ انتهائي سيبتو ۽ سلوڻو هيءَ نوجوان جنهن جي قلم پڻ ٿر جي مٽيءَ سان خوب ملهايو آهي. هن ٿر جي هر درد کي پنهنجي لفظن سان ريڊيو جي برقي لهرن توڙي شاعري جي نفيس جذبن وسيلي نروار ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. چمن ٿري، ڪيڏو وڏو شاعر آهي، اها ڳالهہ پاڻ چڱيون ٿا شاعري جي ناقديِن تي، باقي آئون صرف ايترو ئي چوندس تہ چمن جيڪو بہ ڪجھ لکيو آهي اهو من اندر جي محبت سان لکيو آهي، هن بغير ڪنهن ڪاريگري جي پنهنجي دل جي احساسن کي انتهائي خلوص ۽ سچائي سان ڪاغذ تي اتارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هوئنئن بہ شاعري اها ئي وڻندي آهي جيڪا ساده فهم، سچائي ۽ دل سان لکيل هجي ۽ چمن جي شاعري ۾ پڻ سادگي، سچائي ۽ محبت جي چِڪ شدت سان محسوس ٿئي ٿي. چمن ٿري جي شاعري تي سرسري نگاھ ڦيرجي ٿي تہ ”ٿري لاهيارڻ جي درد جي منظر ڪشي“، ”منهنجي مُرڪ اجهامي ويئي آهي“، ”وسڪاري ۾ سهڻا سانول“ جهڙا شاهڪار نظم پڙهندڙ کي هڪ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ٿا ڪري ڇڏين. ان ڪان علاوه غزل، جي صنف تي پڻ چمن ٿري پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

منهنجي اها خواهش رهي آهي تہ ٿر جي تخليقڪارن، شاعرن، اديبن، ڪلاڪارن کي سندس پورهئي جي مڃتا ملڻ کپي، اسان کين ٻيو ڪجھ بہ نٿا ڏيئي سگهون پر گهٽ ۾ گهٽ سندس قلمي پورهئي کي ڇپرائي، سنڌ جي وڏن پبلشرن ۽ ادبي ادارن تائين اهو پيغام تہ پهچائي ٿا سگهون تہ ٿر جو قملڪار، شاعر، اديب بي ڏٽيو ناهي جنهن کي لڪير جا فقير ادارا هميشہ نظر انداز ڪندا رهيا آهن. بس انهي ڏِس ۾ قدم کڻندي، اُتساھ پبليڪيشن هميشہ ڪوشش ڪئي تہ ٿر جي املھ هيرن جي ڪم کي مڃتا ڏجي.

دوستو! اُتساھ پبليڪيشن ڪو پروفيشنل ادارو نہ هئڻ جي باوجود توهان پڙهندڙ دوستن جي مليل انتهائي مثبت موٽ ۽ محبت جي ڪري اسان ٿر جي هن خوبصورت نوجوان شاعر چمن آر ٿري جي پهريون شعري مجموعو ”چنڊ آ ٻانهن ۾“ توهان تائين پهچائي رهيا آهيون. اميد تہ توهان کي پسند ايندو.

ـــ دليپ دوشي لوهاڻو
اُتساھ پبليڪيشن، مٺي ٿرپارڪر.
03332511104

## مهاڳ

## ڏات ۽ ڏانوَ جو سنگم

ڪجھ لکڻ، پوءِ اهو نظم جي صورت ۾ هجي يا نثر جي شڪل ۾-بندي جي منشا ڪان پري، ڪنهن مافوق الفطرت قوت جي ئي طفيل ممڪن ٿي سگهي ٿو. ڪيتري عرصي ڪان دل چاهيو پئي تہ پياري چمن ”آر“ ٿريءِ جي زير نظر شعري مجموعي ”چنڊ آ ٻانهُن ۾!“ تي ڪجھ لفظ پيٽا طور لکي وٺان، پر حڪم ئي نہ پئي ٿيو! ان دوران، ان احساس بہ ستايو پئي تہ پيارو ”چمن“ الاءِ ڇا محسوس ڪندو!؟ پر پوءِ سوچيم تہ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڪيس پڻ ان دير جو اڻ تر ڪارڻ اوس معلوم هوندو_ انڪري دل ۾ نہ ڪندو. هاڻ اچون ٿا سندس سُندر رچنائن ڏانهن، جيڪي ڳوتا ڪماري ڪيس ارپن ڪيون آهن.سندس هن ڳوتا_ ڦُلواڙيءَ تي نظر ڦيرائڻ سان بخوبي معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ بيشڪ هڪ صاحب ڏات ڳوي آهي، جنهن کي ڏات ديوي پنهنجو سياويڪ ڍنگ بخشيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس هر رچنا ڏات ۽ ڏانوَ جو سندر سنگم پاسي ٿي _ ۽ ڏات ۽ ڏانوَ جو اهڙو سڦل سنگم ئي آهي، جيڪو ڪنهن ڪويءِ کي اتم پر عطا ڪري ٿو. اهڙي ئي سندر ۽ سڦل سنگم کي ماڻڻ ڪانپوءِ تند، تلوار جو ڪم ڪرڻ لڳي ٿي _ جي ها! ”ٿي تند وڌهي تلوارن سان!“ هڪ صاحب ڏات ڪويءَ جي قلم ۾ پڻ اهڙي شڪتي هجي ٿي، جا فرسوده سماجي قدرن سان مهاڏو اٽڪائي، نيون روايتون جوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي. شاھ، سچل ۽ ساميءَ جون قلمي ڪاوشون ان ڏس ۾ اسان لاءِ هڪ بي بها مثال آهن، جن سنڌي سماج جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.اهي انهن جون ئي ڪاوشون آهن، جو اڄ اسان تنگ نظريءَ جي هن دور ۾ بہ پنهنجي صوفياڻي /سيڪيولر مزاج تحت، دنيا لاءِ سهپ ۽ رواداري جو هڪ مثالي نمونو آهيون.

چمن ”آر“ ٿري پنهنجي ڪوتائن اندر سنڌ جي صوفي شاھ عنايت شهيد ڪان وٺي، سن جي سائينءَ تائين، سنڌ جي ڪوڙسارن تاريخي ڪردارن جا عڪس چٽيا آهن، جا ڳالھ ڪيس سماجي طور هڪ ساجاھ وند ڪوي ثابت ڪري ٿي. هڪ عام ماڻهوءِ صاحب ڏات ۾ اهو ئي هڪ بنيادي فرق هجي ٿو. هڪ صاحب ڏات، پنهنجي ڏات کي ذريعو بڻائي، مستقبل جي چيلينجز سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ معقول طور طريقا ڏسي ٿو جن تي عمل ڪري قوم پنهنجا حدف حاصل ڪري






ٿي. چمن جي هر صنف جو ڪينواس ڪافي ڪشادو آهي، جنهن تي سڄڻ ۽ ساٿيءَ جي شاندار عڪاسي نظر اچي ٿي _ مثلاً:

هندو، مسلم، سک، عيسائيءَ کي ڇڏي،
اڄ تہ ڪنهن انسان جي ڳولا ڪريون!

_اهو ئي سنڌ جي مٽني ساجاھ وندن جو پيغام رهيو آهي. انسان جي ڳولا _ بنا ڪنهن ڌرمي ويڇوتيءَ جي _ اهو ئي امن ۽ آجپي جو گس آهي.

شاھ عنايت جي آ ڌرتي:
ڪهڙا مذهب؟ڪهڙيون ذاتيون!؟

هڪڙي شاعر مثان، عام انسان جي ڀيٽ ۾ ڪي وڏيڪ ذميواريون هجن ٿيون. شاعر، هڪ حساس من جي مالڪ هجڻ ناتي، عام ماڻهوءَ ڪان وڏيڪ ڀوڳي ٿو.سندس هر تخليق، اصل ۾ انهن ڀوڳنائن جو ئي عڪس هوندي آهي.

تنهائيءَ ۾ سوچي ويٺو :
هڪڙو تخليقڪار پٽن تي.

_مٿين شعر پڙهڻ سان يقينن هر پڙهندڙ جي ذهن اندر هڪ حساس تخليقڪار جو عڪس جڙندو _ مونن ۾ مُنهن ڏئي ويٺل، ڀوڳنائن ورتل،هڪ حساس ڪوي! مٿي ڪجھ حوالا ”چمن“ جي غزلن مان هيا. غزل توڙي جو اسان وٽ ”مهاجر صنف“ آهي، پر اها هن ڌرتيءَ جي حسناڪي آهي، جو منجهس جيڪي بہ شرنارٿي آيا، انهن کي هن ڀلاري ڀونءِ وڏيءَ دل سان سُئيڪار ڪيو، جنهن باعث اُهي پوءِ هميشہ جي لاءِ هتان جا ٿي ويا. اها ڳالھ ماڻهن ڪان سواءِ، هر ڌاري شئي سان لاڳو آهي. ايئين ٻاهرين صنفن بہ هت پهچي، هتان جو ماحول قبوليو ۽ پوءِ هتان جون ئي ٿي ويون. بلڪ پوءِ منجهن، سندس ماتر ڀوميءَ ڪان وڌ، هتان جي سرزمين ۽ ماحول جي مهڪ نظر اچڻ لڳي. بيت، دوهو، وائي، ڪافي ۽ گيت ڪان سواءِ، اسان وٽ توڙي جو سموريون صنفون ٻاهر ڪان آيون، پر اڄ اهي هر حوالي ڪان اسان جون پنهنجون لڳن ٿيون. غزل جي هونئن تہ سڌاٽپ محبوب سان گفتار آهي، پر هن سرزمين تي پهچڻ ڪان پوءِ سندس شناخت ۾ ڪافي تبديلي آئي، ۽ جا اُن قبول بہ ڪئي _ ۽ اهڙيءَ طرح غزل محبوب جي واڪاڻ ڪان هٽي ڪري وطن ديس جي واڪاڻ سان گڏ، پنهنجي دور ۽ سماج جي مسئلن کي بہ پڌري ڪرڻ جو ذريعو بڻيو ۽ چمن جي غزلن ۾ بہ اسان کي اها تبديلي پليءَ پت نظر ايندي _ مثال طور :

پٿائيءَ جي پونءِ ۽ سنڌوءَ جا ڪنارا،
وري ياد ايندئي، منئيءَ جا نظارا
مري تون گهمي ڏس ! پنڌي پي ڦري ڏس !
پلئہ ڪونہ پوندئي، پٿون ۽ پٿارا.
بلاول، عنايت، هتي دولهہ دودا،
۽ سنڌوءَ جي محبت ۾ هوشوءَ جا نعرا.
وکر چاهتن جو ورهائن چمن ٿا:
صدين کان هي وسندڙ سنڌين جا اوتارا.

هن غزل ۾ روايتي طور مجازي محبوب جي واکاڻ بجاءِ، ماتر ڀوميءَ سنڌوءَ جي ثنا آهي. اِيئن غزل جي صنف ۾ مقامي رنگ سمايل نظر اچي ٿو. مقطع ۾ "چمن" ڏاڍي سهڻي انداز ۾ اسان جي "اوتارن" جي خوبي بيان ڪئي آهي، جنهن تي بجا طور اسان سمورن سنڌ واسين کي ناز آهي. اوتارن جو سماجي ڪارج يا سندن حيثيت، سچ تہ ڪنهن ڏرمي آستان کان گهٽ نہ آهي.

اهڙي طرح چمن آر ٿري جا نظم پڻ پنهنجي فني توڙي فڪري حوالي سان ساراهہ لائق آهن. زيرِ نظر مجموعي "چنڊ آ ٻانهن ۾" شامل نظم "ٿري لاهيارڻ جي درد جي منظر ڪشي" کان وٺي " مان تہ پينگهڻ جي ٻهاري وانگيان" تائينءَ جا سمورا نظم، پنهنجي فني سونهن کان فڪري بلنديءَ تائين ساراهہ جوڳا آهن، جن ذريعي هن هڪ ڪويءَ جي حيثيت ۾ پنهنجو پاڻ موکيو آهي.

زيرِ نظر شعري مجموعي تي لکڻ لاءِ تہ ڪافي ڪجهہ آهي، پر افسوس ! وقت جي تنگيءَ باعث آئون چمن "آر" ٿريءِ سان انصاف ناهيان ڪري سگهيو پر مونکي يقين آهي تہ ڇپائيءَ کان پوءِ سندس سندر رچنائون، سنڌ واسين جو ڏيان ضرور ڇڪائينديون، ۽ سندس چاهيندڙ منهنجي اها ڪوٺ اوس پوري ڪندا.

نيڪ تمنائن سان
آسي زميني
ٽنڊو قيصر
23_02_2017






# ڀرت جي ڪارڪ جهڙو منفرد شاعر

چمن آر ٿري سنڌ جو اڀرندڙ سُهڻو شاعر آهي. هن جي شاعري سچ پچ ٿر جي اڄ جو مهاڳ آهي، جنهن ۾ لوڪ ڏنن جهڙي رواني ۽ ڏيئن جهڙي روشنيءَ جي ساڃاهہ آهي. چمن پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ بي چين روح وانگر نظر اچي ٿو. جنهن جي اکين ۾ ستارن جيان بي انت موضوع آهن. جن ۾ پنهنجي حالتن جو درد چٽيل آهي. جنهنکي پڙهي خبر پئي ٿي تہ هي شاعر مسلسل پنهنجي شاعريءَ جي پٽڻ تي محو سفر آهي. هن جي شاعري پنهنجي وقت جو اتهاس آهي: جتي جي جهوپڙين جنميو سدورو روپلو ڪولهي هنن سٽن جيان چمن آر بہ جهوپڙيءَ ۾ جنم ورتل هڪ سدورو شاعر آهي. جنهن کي ستارا سوڳ ۾ نظر اچن ٿا ۽ هوائون سانت ۾. پر هو نا اميد ناهي، هن کي پڪ آهي تہ ٿر ۽ لاڙ جي ڪڇي جا مارو خوب جمالا ڳائيندا ۽ امن جا ڏيئا ٻرندا. چمن غزل ۽ نظم جو البيلو شاعر آهي، هن جي نظم ۾ موضوعاتي گهرائي تہ آهي پر منجهس ساوڻ جي وسڪاري جهڙو ترنم بہ آهي: وساري روح ٽيشڻ تي مسافر موڪلايو هو وڳي هئي سيٽي جي سيٽي ٽٽا هٿا بند نيڻن جا هيءَ ڇوليون ڇوليون رواني پڙهندڙ کي پنهنجي وهڪري ۾ وهائي اڳتي کڻي وڃي ٿي، اتي جتي ڇپن تي مور مرڪن ٿا، جتي جيئڻ جي آس ڪر موڙي جاڳي ٿي ۽ جتي نمن جي شهر ۾ سنپارن جي سانجهي لهي ٿي. چمن آر ٿري ڀرت جي ڪارڪ جهڙو هڪ منفرد شاعر آهي، هن جي ٻولي سهڻي ۽ سلوڻي آهي، جنهن جا شاعراڻا موضوع زندگيءَ جا موضوع آهن. مون کي صبح جي سچ جهڙي پڪ آهي تہ هن جي شاعريءَ جا گل سدائين تازا رهڻا آهن، اڄ کان سُپان جي جنم جنم تائين

وسيم سومرو /نوابشاهہ

## روميڙي جهڙي شاعري

چمن آر ٿري جي شاعري جا ڪجھ اسم منهنجي سامهون پيا آهن. مون انهن کي بار بار پڙهيو آهي ۽ انهن جي حسن، سونهن ۽ سواد منجهان مستفيض ٿيو آهيان. اهي مون کي وڻيا آهن، انهن مون کي موهيو آهي ۽ اهي منهنجي من ۾ لهي ويا آهن. جيتوڻيڪ مختلف شين جا مختلف ماڻهن تي الڳ الڳ اثر ٿيندا آهن. هڪڙو ساڳيو منظر هڪ ئي وقت هڪ ئي جاءِ تي گڏ بيٺل ٻن مختلف ماڻهن تي مختلف اثر وجهندو آهي. سونهن بہ ايئن آهي، ان جو موھ هر جيءَ لاءِ درسن ڏارون ڏار وانگر هوندو آهي. شاعري جي تاثير پڻ ايئن ئي هوندي آهي. ان هوندي بہ آئون سمجهان ٿو تہ جيئن هن شاعري منهنجو من موهيو آهي، ايئن ئي اها جڏهن ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن جي هٿن منجھ هوندي تہ انهن کي بہ موهي وجهندي.

سنڌ ۾ سرجندڙ جديد ادب پنهنجي جوهر ۾ تمام معياري ادب آهي ۽ شاهڪاري توڙي شاهوڪاري ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. وري ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاعري سيني کان اڳتي بيٺي آهي. توڻي جو آئون ادب ۽ شاعري کي علائقائي تناظر ۾ ڪونہ ڏسندو آهيان. پر جي اهڙي انداز سان ڏسجي تہ پتو پوندو تہ سنڌي شاعرن ۾ ٿر جا شاعر هن وقت تمام مٿي بيٺل آهن. ٿري شاعرن جي شاعري ٿر جي حسناڪ فطري منظرن مان اپري ٿي. اها ڪارونجهر جي ڪور تي ساون پِيلن مورن سان رقص ڪندي اڳتي وڌندي سنڌو ندي جي رواني‌ءَ سان وڃي ٻڪجي ٿي.

اهڙيون ئي حسناڪيون چمن ٿري جي شاعري ۾ ملن ٿيون. سندس شاعري ۾ روهيڙي جا رنگ، ڪنڌيءَ جي گهاٽائي، ڪونيٽن جو ڳورو بدن، مور جو ناچ، هرڻي جي چال، سانگا ڍنڍ تي چاندوڪي جا



چنڊ آ ٻانهن ۾

عڪس، عليم سومري جو ٿانگر واسُ جهڙو ٺهڪ، منير جوڻيجي جي گيسوئن جي درازي ۽ سائين ساگر خاصخيلي جي ماکي جهڙي مرڪ جو حُسن نمايان نظر اچي ٿو.

چمن ٿري جي ڪوتا ڪاڪ ۾ جتي مومل جهڙِي محبوبِ جي وڇوڙن جا وڍ صدائون ڏيندي ٻڌجن ٿا، اتي سنڌ مُلڪ جي سورن جون آهون ۽ دانهون پڻ سڏ پڙاڏا ٿي ٻُرن ٿيون. هو پنهنجي مارُن جي مُنجهن، هيڪلائين، دردن، اداسين، الڪن، ڳڻتين ۽ ڳاراٽن کي پنهنجي شاعري ۾ ڳائي هڪڙو سگهارو آواز بڻائي پيش ڪري ٿو. هو لانگ بوٽن جي ارھ زورائين کي نندي ٿو هو رام، رحيم، جنت ۽ بنواس جي بجاءِ اجايل ۽ بکايل ديس جون آڪاڻيون ٻڌائي پنهنجن ماڻهن ۾ نئين جاڳرتا جا ديپ ٻارڻ گهري ٿو. هو اڏورين آسن، ڪنل گهوٽن، ڦِٽل پاڳن، ٽٽل سهاڳن ۽ چنل موڙن تي لکڻ گهري ٿو. هن جو عشق جوڳيسر جو جوڳيئڙو بہ آهي، تہ نينهن جي مرليءَ تي نانگڻ وانگر نچي بہ ٿو. اهڙي ريت هو پنهنجي ديس جي روح ۾ لهي وڃي ٿو ۽ پنهنجي روح کي ديس جي مهڪارن سان پري پنهنجن ماڻهن کي شاعري جي سدا سائي چمن جون سڳنڌون ارپي ٿو.

چمن ٿري جي ڪوتا ڪاڪ ۾ جتي مومل جهڙِي محبوبِ جي وڇوڙن جا وڍ صدائون ڏيندي ٻڌجن ٿا، اتي سنڌ مُلڪ جي سورن جون آهون ۽ دانهون پڻ سڏ پڙاڏا ٿي ٻُرن ٿيون. هو پنهنجي مارُن جي مُنجهن، هيڪلائين، دردن، اداسين، الڪن، ڳڻتين ۽ ڳاراٽن کي پنهنجي شاعري ۾ ڳائي هڪڙو سگهارو آواز بڻائي پيش ڪري ٿو. هو لانگ بوٽن جي ارھ زورائين کي نندي ٿو هو رام، رحيم، جنت ۽ بنواس جي بجاءِ اجايل ۽ بکايل ديس جون آڪاڻيون ٻڌائي پنهنجن ماڻهن ۾ نئين جاڳرتا جا ديپ ٻارڻ گهري ٿو. هو اڏورين آسن، ڪنل گهوٽن، ڦِٽل پاڳن، ٽٽل سهاڳن ۽ چنل موڙن تي لکڻ گهري ٿو. هن جو عشق جوڳيسر جو جوڳيئڙو بہ آهي، تہ نينهن جي مرليءَ تي نانگڻ وانگر نچي بہ ٿو. اهڙي ريت هو پنهنجي ديس جي روح ۾ لهي وڃي ٿو ۽ پنهنجي روح کي ديس جي مهڪارن سان پري پنهنجن ماڻهن کي شاعري جي سدا سائي چمن جون سڳنڌون ارپي ٿو.

چمن ٿري جي ڪوتا ڪاڪ ۾ جتي مومل جهڙِي محبوبِ جي وڇوڙن جا وڍ صدائون ڏيندي ٻڌجن ٿا، اتي سنڌ مُلڪ جي سورن جون آهون ۽ دانهون پڻ سڏ پڙاڏا ٿي ٻُرن ٿيون. هو پنهنجي مارُن جي مُنجهن، هيڪلائين، دردن، اداسين، الڪن، ڳڻتين ۽ ڳاراٽن کي پنهنجي شاعري ۾ ڳائي هڪڙو سگهارو آواز بڻائي پيش ڪري ٿو. هو لانگ بوٽن جي ارهه زورائين کي نندي ٿو، هو رام، رحيم، جنت ۽ بنواس جي بجاءِ اجايل ۽ بکايل ديس جون آڪاٽيون ٻڌائي پنهنجن ماڻهن ۾ نئين جاڳرتا جا ديپ ٻارڻ گهري ٿو. هو اڌورين آسن، ڪنل گهوٽن، قِتل ﭘاڳن، ٽتل سهاڳن ۽ چنل موڙن تي لکڻ گهري ٿو. هن جو عشق جوڳيسر جو جوڳيئڙو به آهي، ته نينهن جي مرليءَ تي نانگڻ وانگر نچي به ٿو. اهڙي ريت هو پنهنجي ديس جي روح ۾ لهي وڃي ٿو ۽ پنهنجي روح کي ديس جي مهڪارن سان ﭘري پنهنجن ماڻهن کي شاعري جي سدا سائي چمن جون سڳنڌون ارپي ٿو.

نواز خان زئور

14 ڊسمبر 2016ع ميرپور بٺورو

nkzaor@yahoo.com





# درد جي مُصوري

سنڌ جي هر حوالي سان منفرد حصي ٿرمان 2000ع جي ڏهاڪي ۾ شاعرن جي جيڪا سگهاري کيپ سنڌي ادب ۾ داخل ٿي آهي چمن آرٽري به انهي ٿهيءَ جو اهم نالو آهي جنهن کي هرگز نظرانداز ڪري نٿو سگهجي سندس احساسن ۾ روهيڙي جي رتن گلن جهڙي سونهن ۽ سڳنڌ آهي ,ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ نظم تي هن نوجوان ڪاهوڙي دوست جي گرفت وڌيڪ مضبوط نظر اچي ٿي سندس نظم سادا دلڪش ۽ عام فهم آهن جن ۾ عام ٿري ماڻهو جا اهنج ايذاءَ خوشيون غميون ڏکارجون ارهايون سکارجون سرهايون آساني سان پسي سگهجن ٿيون هن مجموعي ۾ شامل گهڻا نظم ٿر جي دردن جون ڪٿائون ۽ موجوده دور جا نوحا آهن جيڪي پڙهندڙ تي عجيب ڪيفيتون طاري ڪن ٿا سندس شاعري ۾ ڀرپور ڏم فني ڪچاين کي لڪايو ٿو ڇڏي ٻي خاص ڳاله مون اها محسوس ڪئي آٿر جا مختلف لهجا ڳالهائيندڙ ليڪ دوست اڪثر شاعري ۾ گرامرجون وڏيون غلطيون ڪن ٿا ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائيندڙ هن دوست جي شاعري ۾ گرامر جي ڪچائي صفا گهٽ ٿي نظر اچي هي دوست ٿر ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرامن توڙي ايف ايم ريڊيو تي پڻ سرگرم نظر اچي ٿو عام زندگي ۾ به چمن ٿري محبتون ورهائيندڙ شخص آهي منهنجي اها دلي پراٿنا آهي ته سندس پيار جوهي پهريون پورهيو شاعري جي جهان ۾ جوڳي جاءِ والاري ۽ گڏوگڏ کيس اها به صلاح ڏيندس اجائي تعريف تي توجه ڏيڻ بدران پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي کي وسيع ڪري پنهنجي شاعري جا فني عيب ۽ ڪچايون دور ڪري شاعري لاڳيتي مسافت جو نالو آهي انڪري چمن کي دڳن تي ڇانورن جي تلاش ڇڏي حوصلي ۽ همت سان سڄڻ ۽ ساٿيه جو عشق اندر ۾ سمائي پويان لئوٽون هڻڻ بجاءِ اڳتي وڌنو پوندو تڏهن ﭘاڻ شاعري ۾ معتبر مقام ماڻي سگهندو

ايازرضوي /جهڏو

# واٽون ويھ ٿيون....

ويھارو ورهيہ پھرين چوٿين درجي ۾ پڙهندي بابا سائين جي بي پناهہ پيار ۽ پاٻوهہ. ريڊيو حيدرآباد جي مقبول پروگرام "ٻارڙن جي ٻاري". ۾ لکڻ تي اتساهي قلم سان نينهن ناتو نڀائڻ جي نينڍ ڏني هئي. ۽ ڪچڙي وهيءَ کان قلم سان ڪيل ان قرب جو قرض اڄان تائين چُڪائڻ ۾ ڪامياٻي پلءِ ڪانھي پئجي سگھي، ادبي لٻاڙون هٽڻ کان سنو ٿيندو تہ حقيقي زندگي جا پس منظر اوهان سخن شناس ساٿين سان اوري ڇڏجن. تعلقي ڏيپلي جي ننڍڙي ڳوٺ نبي سر ۾ ٺ؟ر جي نامور استاد ۽ ادب ذوق انسان "راڻي مل ميگھواڙ" جي گھر ۾ 6 مئي 1987 تي جنم ٿيم. چنبي واري ڏينھن بابا سائين .لاکيٽي لطيف جي سدابهار سٽ،

"سئو ڪوه ڪري سيڪا، تون ڪُهي ڪٽج وڪ"

پڙهي نانءَ رکيو چمن لال.....شروعاتي پنج درجا ڳوٺ ۾ پرايمري ۽ نبي سر ۾ مڊل اسڪول نہ هجڻ ڪري، ڇهين درجي ۾ داخلا وٺڻ لِءِ نئون ڪوٽ وساٽو پيو. ماضي سارينندي اڄ بہ پنبٽين جا پانڌ پُسي پون ٿا، هڪجيڏن ڪان جدا _ امڙ ڪان پري، نئون ڪوٽ جي اوپري شهر ۾، هڪڙو سادڙو ڳوٺاڻو ٻارڙو، اڪيلائي، گهر ڪي ساريندي ڏڇڪڻ ۽ تڙپڻ الا....!! ڇا تہ وقت هو؟ ادا نندلال ۽ آئون گڏجي رهندا هئاسين ادا ماني ۽ چانھن ٺاهي ڏيندو هو ۽ مون تي صرف ڪم هوندو هو پڙهڻ جو.

ادا ان وقت سنتوري فارم ۾ پرائمري ماستر هوندو هو سنتوري فارم واري پنجن ڪمرن واري اسانجي جڳهہ جي اوطاق وارو سچو ڪمرو، بابا جي ادبي ۽ علمي ڪتابن سان سٽيل هوندو هو. آئون نصابي ڪتابن مان واندو مس ٿيندو هئس تہ ادا ڪو ڪهاڻين جو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏئي ڇڏيندو هو شروع ۾ تہ پُڙ پُڙ ڪري خدا ڪي آلاپ ڪندو هئس تہ جلدي خميس جو ڏينھن اچي جيئن ڳوٺ پڄان. پر پوءِ آهستي آهستي ڪجهہ ڏينھن ۾، ڪتاب پڙهڻ جو هيراڪ بڻجي ويس. منھنجي مايوسي ڪي محسوس ڪندي اٺين درجي جي امتحاني ڏينھن ۾ بابل سمورن گهر وارن ڪي ڪجهہ سالن لاءِ نئون ڪوٽ ۾ رهائڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو. وقت هلندو رهيو بابا سائين ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ تي اتساهيندا رهيا، ڏهين ڪلاس جي امتحان شروع ٿيڻ کان ست ڏينھن پهرين 4





مارچ 2002ع تي اوچتو منھنجي معصوم من جا نسريل ٻاجهري جهڙا سمورا سپنا، ان ويل سڙي خاڪ ٿي ويا، جڏهن بابا سائين اچانڪ الوداعي جا هٿ لوڏي ڇڏيا ۽ منھنجي جيئڻ جون هڙئي خواهشون ايئن موڪلائي ويون جيئن ڏهاڳڻ ڪان سينگار جون تمنائون وسري ويندڙيون آهن... لاشعور جي لپيٽ ۾ لڙهي وڃڻ ڪري ڪاليج ڪان ورسٽي تائين ڪيل تعليمي سفر جون ساروٽيون ۽ شاعري، ڪنھن ڪپٽ جي ڪنڊ ڪوڻہ سجائي سگھيون. ڪڏهن ڪڏهن لاشعور ۾ لڙهڻ ڪري ٻن مهينن تائين لوڪ کان لڪي روئندو هئس ۽ وري شعوري سگھہ واپس موٽڻ تي وڏا وڏا ٿھڪ ڏيندو هئس، لاشعور، شعور ۽ تحت الشعور جي ٽياس تي ٽنگيل هجڻ باوجود، 2009ع ڌاري ادبي جُنون جي اسرار تي نج نبار ادبي مخزن ڪجليو ڇپائڻ جي ڪوشش ۾ ڪاميابي نصيب ٿيم. ٿورڙي عرصي ۾ پڙهندڙن جون اڻ ڳڻيون محبتون مقدر جون مام بڻيون، ساڳي سال حيدرآباد جي هوائن ڪي الوداع ڪري مني جي ماڳ جي مهماني ماٽي ورتم، ۽ ٻاروتڻ جي پتڪڙي تمنا ٻيهر آرس موڙي اٿي، ۽ ريڊيو پاڪستان مٺي جي مائڪروفون جي چڪ چاچولي ڇڏيو هوائن سهاري درد هلڪا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. پر چريائپ جي اوچتي ٿيندڙ آمد، وري بہ آڏين جوا ٿاري روئاڙيندي هئي. 2011ع ۾ دماغي مرضن جي ماهر، منجهيل من جو ست سلجهائيندي چيو : ابا ! تون تہ بائيپولر ڊس آرڊر جي موذي مرض ۾ مبتلا آهين، هن بيماري جو بنيادي سبب بي پناهہ خوشي يا بي برداشت صدمو هوندو آهي. هُن جي ڪجهہ مهينن جي علاج مونکي تڙپڻ جي ٽياس تان لاهي ڇڏيو ۽ نئون جهان جوڙڻ لاءِ جهونتون هڻڻ لڳس.

زندگي جي طويل رڻ ڪي جهاڳيندي، ۽ پروڙ جي پاتال ۾ تپيون هڻندي _ اهو ڄاڻي ورتم، تہ سندم حياتي صحرا ۾ پتڪندڙ اُن اڃايل مرگهہ جي نيڻن جهڙي آهي، جيڪا پنھنجي ئي ناڀيءَ مان نڪتل ڪٿوريءَ جي خوشبوءَ لاءِ ڊوڙندي ڊوڙندي موت سان دل لڳائي ڇڏيندو آهي.

_مون ٿوهرن جي ٿڃ چکي آهي، ۽ روهيڙن جا لڙڪ اگهيا آهن، ٻيواهہ ڊيلن جي تڏي تي وڃي مورن لاءِ پار ڪييا آهن، سدائين ٻين جي دردن جا ڏڻ پنھنجي دل جي واڙي ۾ واڙڻ جي جستجو ڪئي آهي، پر الهي ڇو ڪيترن ئي پيارن ۽ دلوارن ڪي ٿهڪن ۾ لڪيل منھنجا لڙڪ نظر ناهن اچي سگهيا. ڪڏهن هجومن ۾ ڪيترائي دفعا موت ڪي ٻڪ وجهي جيئٽو پيو آهي، تہ ڪيئي پيرا جيئندي مُئو

نازڪ ۽ نفيس سوچن جي سرجڻهار منڙي سپاءَ جي مالڪ اتساهه پبليڪيشن جي سرواڻ دلبر دوست دليپ دوشي لوهاڻي جي دلي دلچسپي ۽ پياري پرين عنايت الله نهڙيو ج ون عنايتون نه هجن ها ته ڪر منهنجي شاعري اوهانجي اکين جون چُميون قطعي ڪونه ماڻي ها.

ـ شاهه عنايت جي خوابن جهڙي سنڌ جي سداملوڪ ڪويءَ، محترم سائين آسي زميني جي پيرن تي هٿ انڪري به رکان ٿو جو هُن منهنجي ڇڙواڳ ۽ ڇيڳري وينگس جهڙي شاعريءَ جي اموهيل سينڌ کي سموهي مهاڳ جو سندور پارايو آهي.

ـخانه بندوش قبيلي جي الهڙ جوان نينگري جي اڌوري تمنا جهڙيون ڪوتائون لکندڙ محبوب سائين وسيم سومري جون ڪروڙين نوازشون.

ـ سنڌ امڙ جي جهولندڙ ڳاڙهي جهنڊي جهڙي سدا ملوڪ سرجڻهار، دلبر دانشور سائين نواز خان زئور جي دلبرين جو به قرضي آهيان.

ـڪنهن اُپسرا پاران نکيتي ٽاڻي پنهنجي سيم جي وٽن تي چڏيل آخري نهار جهڙا پيار نوجوان دلين جي دادلي شاعر پياري ايوب کوسي جي نانءُ ڪجن ٿا.

ـمونکي بابا جيان پائيندڙ مور ڪلنگي جهڙي دل جي مالڪ سائين امر ساهڙ جون اڻ ڳڻيون نوازشون.

ـ سڳداسي سارين جي سرهاڻ جهڙي پلوڙ شاعر، منڙي فراق هاليپوٽي جا لکين احسان. پلر جهڙا پيار ارپڻ لاءِ سنڌي غزل جي قدآور ڪوي محبوب دوست، اياز رضويءَ جون بي لوث قربتون.

ـ سک جي سمونڊ مان چاهتن جا چُرون ارپيندڙ سنڌي ۽ اردو جي ناميارې شاعر، ساحر راهو جي محبتن جا وڏا وڙ.

ـ ٿر ٻاپيهي جي پياس جهڙي تڙپ جهڙين تخليقن جي تخليقڪار، ادا پياري شواڻي جون محبتون به وسارڻ منهنجي وس ۾ ناهن.





ـ۽ ٿر واري ڪان گهٽا ٿورا انهن مڙني سڄاڻ ساٿين جا جن مونکي هرحال ۾ پنهنجو پانيو آهي،هڪڙن کي ساريون ۽ ٻين کي وساريون اها ٻيائي سکيا ئي ڪونه آهيون.

اُڪير مان

**چمن "آر" ٿري**

03443528582

مٺي ٿرپارڪر








ساٿ ٿُنھنجو سُک ۽ سُرھاڻ آ،
منھنجو جِيوَن بس ڏُکن جي کاڻ آ.

او پکين جي راڳ جھڙي ڇوڪري!
ٿُنھنجي ٿَھکن تي چَريو مھراڻ آ.

ھُن جي ڇھري کي چُمي اکڙين چيو:
ٿي وئي پوري عبادت ھاڻ آ.

ٿي وڏين تون سنڌ جي نعري جيئان،
روح ٿُنھنجي ۾ پٽائي پاڻ آ.

نگاهن ۾ نينهن جا نظارا رکين ٿي،
سوين خواب ڪورا ڪنوارا رکين ٿي.

وٽي جنهنکي ٻوڙين ،وٽي جنهنکي تارين،
سنڌوءَ جيئن اکين جا اشارا رکين ٿي.

جڏهن ٻول ٻولين ٿڏا پهر ٻٽجن،
لڳي ٿو اندر ۾ سيارا رکين ٿي.

جڏهن دل گُهري ٿي، اُڳاڙي وٺن ٿا،
هي ڪنهن جا تون ڳوڙها اُڌارا رکين ٿي!؟

ڏئي ٿهڪ آرس ٿي جنهن پَلّ موڙين،
چريو چنڊ پاڳل ستارا رکين ٿي.

⊙





اُها شام جيڪا گڏيءَ تي گذاري،
اسان ڪان نہ وسري اوهان آ وساري!

مِٺي ماٺ اوڏي مِٺيءَ ۾ سُتل هُئي،
چَري چنڊ پاتا لِيئاڪا چوڌاري.

پکين جي اکين مان ڪِري لُڙڪ پيا هُئا:
جڏهن تو وڇڻ جي پرين! ڪئي تياري.

اسان آس ٻاري، ڏياري ملهائي!
چيو مورتيءَ کي هو پوڙهي پُوڄاري!

پٽن ڏار وانگي ٽُٽڻ جي پُڄاڻان:
اڃان ياد ساڳي اڃان بيقراري!

اَکن جي پُٽن تي ڏسي ماڪ قطرا،
لڳو ڄڻ امبر آ ڪئي اشڪباري!

اوهان پارڪر جي پٽن جا مسافر،
ڪڏهن شال موٽو ڪبي انتظاري.

⊙

نگاهن ۾ نينهن جا نظارا رکين ٿي،
سوين خواب ڪورا ڪنوارا رکين ٿي.

وٽي جنهنکي ٻوڙين ،وٽي جنهنکي تارين،
سنڌوءَ جيئن اکين جا اشارا رکين ٿي.

جڏهن ٻول ٻولين ٿڌا پهر بٽجن،
لڳي ٿو اندر ۾ سيارا رکين ٿي.

جڏهن دل گُهري ٿي، اُڳاڙي وٺن ٿا،
هي ڪنهن جا تون ڳوڙها اُڏارا رکين ٿي!؟

ڏئي ٿهڪ آرس ٿي جنهن پَلّ موڙين،
چريو چنڊ پاڳل ستارا رکين ٿي.



چنڊ آ ٻانهن ۾

اُها شام جيڪا گڏيءَ تي گذاري،
اسان کان نہ وسري اوهان آ وساري !

مِٽي ماٺ اوڍي مِٽيءَ ۾ سُتل هُئي،
چَري چنڊ پاتا لِيئاڪا چوڌاري.

پکين جي اکين مان ڪِري لُڙڪ پيا هُئا:
جڏهن تو وڇڻ جي پرين ! ڪئي تياري.

اسان آس ٻاري، ڏياري ملهائي !
چيو مورتيءَ کي هو پوڙهي پُوڄاري !

پٽن ڏار وانگي ٽُٽڻ جي پُڄاڻان :
اجان ياد ساڳي اجان بيقراري !

اَکن جي پُڙن تي ڏسي ماڪ قطرا،
لڳو ڄڻ امبر آ ڪئي اشڪباري !

اوهان پارڪر جي پٽن جا مسافر،
ڪڏهن شال موٽو ڪٻي انتظاري.

سهڻا سانگ سڄايا سانوڻ،
پيارا ياد پئي آيا سانوڻ.

سارون سُڏڪا ڀڄي آيون،
پنبڙين پاندڙ پُسايا سانوڻ.

مور ٽهوڪيا، ٻيلون ٻوڙيون،
ڪيڏا رنگ رچايا سانوڻ. !

رات گڏيءَ تي آئي سَڄڻي!
منظر سڀ مهڪايا سانوڻ.

سانولڙي کي ساري ساري،
ڪيئي ڪانگ اُڏايا سانوڻ.

هيل وري ها مُنهنجي ٿر سان،
نازڪ نينهن نڀايا سانوڻ.





سالن ڪان پوءِ هاڻ اسانکي،
ياد ڪيو هُن پاڻ اسانکي.

هاءِ! اَسر جو ڏيئنديون آهن،
تنهنجون يادون ڏاڍ اسانکي.

روز هزارين هڻندي آهي،
اڪڙين سان هوءَ ٻاڻ اسانکي.

توبن سڄني! اُجڙي ويا هون،
وارو ڪر ڪو !واڻ اسانکي!

*اکين کي اکين جي اشارن ڪُٺو آ،
اسانکي اوهانجين پُڪارن ڪُٺو آ.

اوهانجي ڪلڻ تي، گُلن خار ڪاڙا،
ڪنوارن چپن جي ڪِنارن ڪُٺو آ.

اوهان سانوڻيءَ جي هوائن جيئان هو،
اسان کي تہ هاڻي ڏُڪارن ڪُٺو آ.

چياٺون تہ شاعر تون ڇا لئہ ٿو پيٽڪين؟
ڇيم بس مِٽيءَ جي نظارن ڪُٺو آ.

سنڌوءَ جي مٽيءَ جو قسم ٿي ڪٽي دل،
اسانکي پرينءَ جي پچارن ڪُٺو آ.





گڏيءَ جي گود ۾ ويهي، اسين ڪو عشق ساريون ٿا،
جلائي ياد جون تيليون، اندر ۾ آڳ ٻاريون ٿا.

سکي جا ڇيڳري آهي، مگر سا ٻي وڙي ناهي،
دلاسا ڏئي دُکي دل کي وري ٻيهر ڏُتاريون ٿا.

اچانڪ ياد هوءَ آئي، اکين ۾ سمنڊ اُٿلي پيا،
لِڪي هن لوڪ لوڀيءَ کان، نديءَ جيئن نير هاريون ٿا.

زماني ۾ پرين تو بن مري هر پل جيئون ٿا پيا،
مگر توکان سوا ڪنهن ڏي نڪو پلجي نهاريون ٿا.

لڳي ٿو اِيئن صدين کان ڪي سُکن جا سج نہ اڀريا هِن،
ڊگهيون راتيون سياري جون عذابن ۾ گذاريون ٿا.

دعائن جا سوين پوپٽ رُلي ويا راهہ ۾ آهن،
نِگاهن جون اچيون آڙيون تڏهن اُپ ڏي اُڏاريون ٿا.

وچوڙا نانگ ٻڻجي کي ڪکي ويا عشق کي آهن،
مگر ويساهہ جُون مُرليون اسان پوءِ ٻي وڄايون ٿا.

هر سانجهه جو ستارا هڪڙو ئي سوال ڪن ٿا :
ڇا لاءِ نيڻ آلا تنهنجا سدا رهن ٿا !؟

مُنهنجي اڙي زمانا! دل آ يتيم خانو
جنهن ۾ خواب زخمي، هر رات جو ٽڪن ٿا.

هُن جون حسين يادون مَن جي مَٿان لهن ٿيون،
بي حال ٿي پوان ٿو ماڻهو چريو چون ٿا.

ڏارين جي دلبريءَ تي، پنهنجن جي بي رُخيءَ تي،
اکڙيون پُسيو پون ٿيون ڳوڙها ڳڙيو پَون ٿا.





ٿُنهنجي مُک تي وار نچن پيا.
سونهن سَندا سنسار نچن پيا.

سورج ننڊ مان جاڳيو آهي،
آئينن ۾ هار نچن پيا.

ٻاجهر *نِگهلي آهي ۽ ڏس!
پنڇين جا ويچار نچن پيا.

جڳ جون رسمون ماري وجهنديون،
راتوڪا انڪار نچن پيا.

جيءَ ۾ جوت جيئڻ جي جاڳي،
ٿُنهنجا قول قرار نچن پيا.

ايڏو جلد بدلجي ويندين، مون تہ اهيو هو سوچيو ڪونہ !
مُنهنجي نانءَ کان ٻُلجي ويندين، مون تہ اهيو هو سوچيو ڪونہ !

مون تہ عبادت تُنهنجي ڪئي هئي، مون لئہ تون ڀڳوان هُئين‎ءَ!
پوڄاريءَ کي سڏ نہ ڏيندين، مون تہ اِهيو هو سوچيو ڪونہ !

تُنهنجي ڪارڻ تُنهنجي چريئي، ساري دنيا تياڳي هُئي پر :
راهہ ۾ تنهن کي ايئن روليندين، مون تہ اِهيو هو سوچيو ڪونہ !

هاڻ "چمن" کي سارا ماڻهو مست ملنگ سڏيندا سجني!
حال ڏسي تون مُرڪي پوندين، مون تہ اِهيو هو سوچيو ڪونہ !





نہ مومل ملي ۽ نہ راڻا ٿياسين،
نہ ڪا ڪاڪ جوڙي، لُڏاڻا آڏياسين.

هُيو سَر جِيوَن سمورو اسانجو
نڪين ؟ ڪاتياري اُڏاڻا هياسين.

ڍٽل دل نگر جي اگڻ ٻاٻري تي،
نہ واريءَ جا بخمل وڇاڻا ڪياسين.

سڄا ڀَڏِ سُڏڪي پيا هُئا "چمن" جا
جڏهن گهر پنهنجا اباڻا ڇڏياسين.

وڏو گهاءُ هو ڪو ڏيڻ ٿو گهري،
چريو ڳوٺ هن سان لڏڻ ٿو گهري.

متان راڳ ديپڪ کي ڇيڙين اڙي !
ٻريل هانءُ ڪنهنجو ٺرڻ ٿو گهري.

هلائي تون وڃڻو ! سُڪائي پڳهر !
پنل تنهنجو چولو سُڪڻ ٿو گهري.

پلي ٿهڪ سارا هوءَ ميڙي وٺي،
ٽُٽل روح مُنهنجو رُئڻ ٿو گهري.

پرين ! پوپٽن کي اُڏائين متان !
"چمن" شاعري ڪا ڪرڻ ٿو گهري.



چنڊ آ ٻانهن ۾

ڌرتيءَ تي بس بار جيئان هون !
لاوارث ڪنهن ٻار جيئان هون !

تون جيئن وارين، سُهڻا سائين !
پاڻ تہ مُڇ جي وار جيئان هون !

جي تون مُرڪين ميڻ ٿيون ٿا!
منڙا ماڪيءَ لار جيئان هون !

گُهوري نهاري جيڪو ڪانئر،
ڪُرسا پيي ڪنهن خار جيئان هون!

هُن جي وئي ڪانپوءِ اسان بس :
ڌرتي ۾ پيل ڏار جيئان هون !

آنچليئي سان درد گهٽايئي،
رهجي ويا اُن سار جيئان هون !

اسانکي نہ سنڌو! رُئاڙي لنگهين ها !
جڏهن پيي لنگهين ها، کِلائي لنگهين ها !

اسين تُنهنجو اولاد، بابو تون آهين :
ٻچن جا نہ گهر ايئن، اُجاڙي لنگهين ها !

هُجن ها جي مهراڻ! توکي ٻہ اکڙيون،
تہ کر کونہ سونهن کي، لتاڙي لنگهين ها !

ڏسي تُنهنجون موجون، اَرها کونہ آهيون،
مگر ايئن نہ جُهوپا، بگاڙي لنگهين ها !

سکن جي سدا تون، علامت رهيو آن،
ڏکن جا نہ ڏنپ ڏئي، الاڙي! لنگهين ها !

کڏي پار ويني، ڏسيو لاش پوڙهي،
کسي هينئن نہ کونڌر، اباڙي! لنگهين ها !





نِگاهون ٻڪاٽيون، نما شام ٽاٽي،
ٽيون رس رهاٽيون، نما شام ٽاٽي.

اوهان لاءِ دل جي کنڌيءَ تان او سائين !
کي يادون اُڏاٽيون، نما شام ٽاٽي !

کُنل پُٽ کُونڌر ڏسي تُنهنجو عارب !*
رُنيون پي مهاٽيون، نما شام ٽاٽي.

جهُڏا شهر تو ۾ ٻُکي پيٽ خاطر :
وکاٽيون نياٽيون، نما شام ٽاٽي.

"چمن" ! تون وساري نہ چڏجان چئي هُن_
کيون موکلاٽيون، نما شام ٽاٽي.

*عارب ملاح جنهن جو نوجوان پٽ ماريو ويو

رات ڪُونجي ڪُني، رات ڪُوڪُون ٿيون،
ماتمي مجلسون هر گهٽيءَ مان لنگهيون.

گهاءُ گهِرو اندر ڪي اڊوڙي ويو،
سپ ٻُسيون ٿي ويون روح جون رونقون.

وقت جي وير جذبن کي جهوري وئي،
۽ اُداسيءَ ۾ وچڙي وَيون دلبريون.

سوڳ ۾ سانت ٿي ويو هو سارو سنڌو،
آهون سُڏڪا پري ڪيئي آڙيون اُڏيون.

سار تُنهنجي سين ڪي ٿي ساڙي سکي !
ها ! هوائن ۾ پئجي ويون هِڏڪيون.

ڪانئرن وار ڪهڙو آ قهري گيو !
ڪيئي گجرا چنا، ڪيئي آسون ٽُٽيون !

نانگ جي زهر جيئن نينهن نيرو گيئَي !
*مورڇت ٿي وَيون منَّ جون محبتون !

* بيهوش ٿيڻ





تو وٽ مُرڪون ماڻا آهن،
مون وٽ سُور ساماڻا آهن !

تون ڇا ڄاڻين پيڙا ڇاهي؟
مُنهنجا پيچ پُراڻا آهن.

سچ جي ڳولڻ واري هرهڪ،
ماڻيا گهاءَ ۽ گهاڻا آهن.

تو لئه خوشيون بخمل بستر،
مون لئه درد وڇاڻا آهن.

موجون ماڻين شال "چمن" تون !
ڪافي مون لئه داڻا آهن.

سِڪ جي سامانُ جي ڳولا ڪريون !
ماڻهپي جي مانَ جي ڳولا ڪريون !

موهہ مايا ۽ مَڪاريءَ کان پري،
جيءَ واري جهانَ جي ڳولا ڪريون !

هندو مسلم سِک عيسائيءَ کي ڇڏي،
اڄ تہ ڪنهن انسانَ جي ڳولا ڪريون !

روح رت ۾ ريتجي رُوئي پيو،
آءُ ! امن ايمانَ جي ڳولا ڪريون !





تاريخ پُراڻي هُر ڪُر ۾،
اڪ لڙڪن هاڻي هُرڪُر ۾.

چنڊ ڪيئن سڄو ماحول منديو،
۽ رات وهاڻي هُرڪُر ۾.

ڪو ملهہ وڙهڻ جو ميلو هو،
هُئي دز اُڏاڻي هُرڪُر ۾.

ڪنهن ٻڪري گابي جي اگهہ ۾،
ڪا لڄ وڪاڻي هُرڪُر ۾.

ڪو "چمن" پٽڪيل بيت چيو،
تي ڏات نماڻي هُرڪُر ۾.

پوڳيل درد نيارا ٿي ويا !
ماٺهو ٿوه ڪسارا ٿي ويا !

هو جو وڇڙيو جهُڙ ڦُڙ رُت ۾ :
مهڪيل ٿهڪ اُجارا ٿي ويا !

سوچن ۾ آ وِهه ولوڙيل،
جذبا خاڪ اڱارا ٿي ويا.

ڪوهيڙي ۾ گُم سُم گُم سُم،
چاهت جا سپ چارا ٿي ويا.

هُن سان چار گذاريل شامون،
اُپ ۾ ٽانڪيل تارا ٿي ويا.

نخريلي هِن جڳ ۾ ڇو هي :
منهنجا لُڙڪ اُڌارا ٿي ويا !

جن لئه لوچيو ڳوٺ سڄو مون،
ساٿي سي رب پيارا ٿي ويا !

واٽر ڪپ ٿي بيٺل سَرڙا،
ٻير پٽڙ جا ڪارا ٿي ويا.

توسان ملندي يار "چمن" اڄ _
ڏک جا ڏونگر ٿارا ٿي ويا !





نِگاهون نشيليون نماڻي نبي سر*
ڪڏهن ڪانه وسري اباڻي نبي سر.

منا تل ترايون، مٺيون دلربايون،
سُٺي سونهن سوپيا سياڻي نبي سر.

نمن ٻُور ٻاٽيل اکن واس واسيل،
وفائن جي نگري، ويڳاڻي نبي سر.

"چمن" چاهه چاهت رچيل روح راحت،
نه پئسي جي پاسي وڪاڻي نبي سر.

*شاعر جو اباڻو ڳوٺ

بند اکڙيون خواب چانڊوکي
سوال يادون جواب چانڊوکي

ياد ماضي شَرارتون ڪيئي
مُرڪ مُڪڙي گُلاب چانڊوکي.

تڙپندي مُشڪندي ڏنائين پئي!
هاءِ! جيون حجاب چانڊوکي

شاعراڻيءَ دل جي گَمزوري_!؟
چانهن چُمي شراب چانڊوکي.

هُن کي چُهندي اڙي ظالم تو...!
مونکي اربيا عذاب چانڊوکي



چنڊ آ ٻانهن ۾

بارش پونءِ پڄائي آهي
ياد اوهانجي آئي آهي.

آڌيءَ ٽاڻي لڪندي ڇپندي
ياد ڪئي ڪتڪائي آهي

ڪارونجهر تي ماڻهن ميڙا:
دل ۾ پَرَ! تنهائي آهي!

دَر تي هَر هَر دستڪ ويلا :
تو لئہ دل واجهائي آهي.

تنهنجي نيڻين ناچ ڪيان مان_
من جي آشا سائي آهي.

ٻيڙا موتيا وڻجاريءَ پُڻ!؟
مصري ڪنڊ ورهائي آهي.

جيجل ماتا سورن ۾ آ،
پٽڙو پو ٻـ هندورن ۾ آ !

آهي ڪو جو هوش ڏياري :
ڇا پنهنجن ۽ چورن ۾ آ !؟

قاتل ڏڪندي روئي پيو ٿو،
کهڙو ڊپ ڏس ڏورن ۾ آ !

ماڻهو ماس ڇَٽائو ٿي ويا،
محبت ڪيڏي مورن ۾ آ !

فتنا ٿُنڪا ساري جڳ ۾،
قرب سخاوت ٿورن ۾ آ !

سنڌڙيءَ لاءِ هو مؤ لوپي،
کهڙن خوني پورن ۾ آ !

ڪيئن جلن پيا چيٿ "چمن" هت:
خاڪ رڳو پيئي ڪورن ۾ آ !





سانوڻيءَ جي رات هئي، ۽ هوءَ هئي برسات هئي،
عشق جا چاڙهي نشا وئي ڇا تہ سا اڏرات هئي !

مينهن سمورو موهجي پئي وٿو هُن مُک مٿان،
ڏيهہ سموري هِن ڏڪاريل جي وٽس ڪا ڏات هئي !

هڪ هوا جا تيز جهونڪا، ٻي مٿان سنسان رات،
هُن جي مُرڪڻ ساڻ جڳ ۾ ٿي وئي پرڀات هئي !

ڇا پرون ڇا زلف هن جا ڇا لکان ڇَڄڳَ جا قصا،
ڪنڌ هُئس ڇا ڪونج جو مورن جي لئہ ڀي مات هُئي !

ڇا لکان هُن ڇوڪريءَ تي، مان چريو آهيان "چمن"!
هوءَ ڇا وئي، لوڪ ساري جي مٿان سَڪرات هُئي !

پٽائيءَ جي پونءِ ۾ سنڌوءَ جا ڪنارا،
وري ياد ايندئي مِٽيءَ جا نظارا.

پلين ڏور گهارين، عجب رنگ نهارين،
وساري نہ سگهندين اکين جا اشارا.

مري تون گهُمي ڏس، پنڊي پي ڦري ڏس،
پلئہ ڪونہ پوندئي پِٽون ۾ پٽارا.

قلندر جي نگريءَ جو مَٽ ناهي جڳ ۾،
ڏسي دنگ ويا رهجي، سڪندر ۽ دارا.

ٻلاول، عنايت، هِتي دولهہ دودا،
۽ سنڌوءَ جي محبت ۾ هوشوءَ جا نعرا.

وڪر چاهتن جو ورهائن "چمن" ٿا،
صدين کان هي وسندڙ سنڌين جا اوتارا.





ڪيئي ماريئي مور وڇوڙا !
شل تون جهلجين چور وڇوڙا !

ارمانن جي ٻاريل پَٻ تي،
کهڙا هٽندين پور وڇوڙا !

سُرخ جوانين سان ٿو چُهٽين،
او مئا ! چِيڙها ڄَور وڇوڙا !

هاڻ تہ پوڙهيون رسمون ڇڏ ٿُون،
ظالم ٻوڏا ! نورَ وڇوڙا !

ڳاڙها ڳيرو گهوٽ ڪُٺئي ها !
تون آن قاتل زور وڇوڙا !

چاه "چمن" ۽ چاهت ڪاڏئي،
ڪُٽي ڏاڙهيل ڊور وڇوڙا !

اِيئين بہ ڪونهي اسانجا پيارا ! اوهان کي هن دل وساريو آهي،
هوا ڪڏهن ڪو خواب ڪنهنجو هروڀرو ڇا اڏاريو آهي ؟

ايئين بہ ڪونهي سياري جذبا ٿڌا ڪيا هن جڏا ڪيا هن،
جڏهن گُهلي آ هوا اُتر جي، اسان اوهان کي پُڪاريو آهي.

تکي ٿڪا هون اوهان نہ آيا ورهيہ لنگهي ويا اسانجي نيڻن :
ڏهاڙي هر ڪنهن سندءِ گهٽيءَ کي پُسائي پنبڻين ٻهاريو آهي.

ايئين بہ ڪونهي اسان ڪچهريون ڪندا نہ آهيون،
ملياسين جنهن سان تہ ان جي اکِ ۾ اوهان جو چهرو نهاريو آهي.

ايئين بہ ڪونهي اسانجا ناتا ڪُٽي ويا هن ٽُٽي ويا هن،
جڏهن بہ دنيا ڏڪاريو آهي، تڏهن ڏکن گڏ ويهاريو آهي.

هزار ڀيرا خيال ڳولي جڏهن ڪرياسين جڏهن ٿڙياسين،
تڏهن او منهنجا پِتائي بابا ! ٿُنهنجي ئي بيتن اُٿاريو آهي.

جڏهن زماني جي زرد لهجي ذهن اسانجو ٿڪايو آهي،
اوهان جي معصوم يادگيرين ڪليل اکين سان سمهاريو آهي.



چنڊ آڳانهڻ ۾

ڏات ڪيا وسڪارا آهن،
توڙي سرد سيارا آهن.

اوجاڳيل هي نيڻ پيا لڙ،
ورهين کان تاسارا آهن.

ڪونج اُڏامڻ جي مند آهي،
بازن جا لامارا آهن.

اُڀ ۾ بادل مُرڪن ٿا پيا،
ٿريا ڪين اُجارا آهن.

مور هرڻ کي مارڻ وارن،
مارين جا منهن ڪارا آهن.

خيالن جا هي ڪيٿا آهن،
سوچن تي ڇو مارا آهن ؟

هڪڙي پاسي سهرا گونجن،
ٻي پاسي ڪيڏارا آهن !

مُنهنجي دزيل ذهن مٿان اڄ :
لاٿا "چمن" ڄارا آهن.

ڪا يار خوشي ناهي، هر ٿهڪ سُتل آهي،
ڪو مور ويو ڪُسجي، هر نيڻ پنل آهي.

آزاد خيالن جو ڪو ديس نئون جوڙيون،
ڪا سوچ نئين ناهي، هر ذهن زنگيل آهي.

پيو ڪوس ٿئي هَرهَر، معصوم پکيئڙن جو
ڪين ڪوئلڙي ڪُوڪي، هر ڪوڪ ڪُٺل آهي.

منزل تي آهي رسڻو هر حال ۾ او ساٿي !
نيزي تي آهي سُورج، هر واٽ ٽُٽل آهي.

مظلوم ادائن سان، ڇا ڏيهه نڀائيندو؟
هر پهر ڏئي ڏنڀ پيو هر رات رُئل آهي.

گونچن جي ڦُٽڻ مند ۾، لاشن جا مليا تحفا،
قاتل جي قتل گاه ۾، هر ٻوٽ چڙهيل آهي.





در اوٽ منجهان بيهي، هر روز تڪيندي آ،
جيئن چنڊ لڪي ڪڪرن، تيئن ڏيک هو ڏيندي آ.

آ رات مدهوشيءَ ۾، هوءَ آهہِ گهران نڪتي :
سا واٽ وٺي ويٺا، جِت روز مٿيندي آ.

هُئا وار وکيريا هُن، بس واءَ وڙهي پيا هئا،
حيران حقيقت سان، ماحول منديندي آ.

ٿا روز ٿين گهايل، راهگير اسان پارا،
نظرن جا جڏهن بيهي ،هوءَ تير ڇِٽيندي آ.

پيو چنڊ چڙي آهي، جو چَڳ سکي ڪوليا،
اُت ذات "چمن" منهنجي، احساس اڏيندي آ.

مون کوڙ لکيو آهي، نيڻن جي نظارن کي،
باغن ۾ بهارن تي، سنڌوءَ جي ڪنارن کي.

آزاد اُڏامن پيا، احساس اسان جا ڙي !
ڪيئن قيد ڪري سگهندين، بي خوف اُڏارن کي !؟

ناڪام اوهان ويندئو، جو روح رنجايو ٿا،
چو يار ستايو ٿا، مظلوم جي ٻارن کي !؟

مون ڪُوڪ ڪنائيندي، ڪُوڪاٽ ڪيا ڏاڍا،
آ وقت ڏيي ٻيڻو، معصوم پُڪارن کي.

آ سنڌ سڄي مصري، هت پيار پَيو سِرجي :
ڪيئن هاڻ وساريان مان، ڌرتيءَ جي ڌنارن کي ؟





اڙي ساقي ! پيالو ڀر ! حياتي جام چاهي ٿي،
نشي ۾ سانوري بُت سان سُريلي شام چاهي ٿي.

مدهوشي ڪيپ نيڻن ۾ وڏا ٻڙڌڪ وڏا آهن،
خماريل ڪيت خوشين جا، اوهانجي نام چاهي ٿي.

اُٿو رندو ! ڪڻو پيالا، ورهيه ٿي ويا پياڪيءَ کي،
هٽي جهمريون چپن چوريو، سڪي سنگرام چاهي ٿي.

هڙئي دوريون، هڙئي ڏُکڙا، هڙئي سُڏڪا، هڙئي اُڌما،
ننڍاڪيل پلّ هڪڙي ۾ گهٽائڻ هام چاهي ٿي.

عبادت سونهن جي خاطر وريا هون مئڪدي واپس،
خدا ! ڪافر مٿان سمجهين هي دل آرام چاهي ٿي.

اسانجي پيار جا پيرون پڇي ڳاڙها ٿيا آهن،
نمورين جيئن ڪچو نينهن جت تهڙو ڪو گام چاهي ٿي.

تون جي مُرڪين تہ موتيا بہ مُرڪيو پَون،
۽ جي ڳائين جمالا بہ جُهوميو پَون.

تُنهنجي ڪچڙي وهيءَ جو قسم آ پرين !
تُنهنجي ٽهڪن تي بادل بہ برسيو پَون.

او پٽائيءَ جي بيتن جيئان ڇوڪري !
جي تون ٻولين تہ ڪُونجيون بہ ڪُرڪيو پَون.

تون تہ معصوم گلڙن کي موهيو وجهين،
ٿي جتان پڻ لنگهين، هو ٿا نوِڙيو پَون.



چنڊ آ ٻانهن ۾

پوڳنائن جا سفر وڏندا رهيا،
۽ انائن جا قهر وڏندا رهيا.

دلبرين جا سپ پڪي اُڏري ويا،
انتهائن جا زهر وڏندا رهيا.

داد نالي ديس ۾ ناهي دوار،
بس سزائن جا شهر وڏندا رهيا.

ويون وفائون ڳوٺ مان پڪڙا پٽي،
بي وفائن جا پهر وڏندا رهيا.

مڏ جو چسڪو چکڻ ڪانپو "چمن" !
من ملاحن جا ڳهر وڏندا رهيا.

لهندڙ سج جا سهڻا منظر،
پياري ٿر جا سهڻا منظر.

ديس سمورو ساري تنهنکي،
جنهن جي گهر جا سهڻا منظر.

نينهن ڪنوارو ٻاٽ اونداهي،
ڪليل در جا سهڻا منظر.

ڪيت ڦلاريا ساوڻ آيو،
هُرلي هَرَ جا سهڻا منظر.

اوسيئڙو ۾ اُڻ ٽُڻ اُڻ ٽُڻ،
ڪاڪ شهر جا سهڻا منظر.

اندلٺ موسم ڳاڙهو جوين،
پٽڪي ور جا سهڻا منظر.

نازڪ مُرڪون چندبَ "چمن" ۾
گرجا گهر جا سهڻا منظر.




چندبَ آپانهن ۾

مينهن وسڻ جا پار پٽن تي،
منهنجي ٿر جا ٻار پٽن تي.

اونهاري ۾ هوندا آهن،
واهوندي جا خار پٽن تي.

واري ان تي ويچاري پئي،
ڪير چڙهي وئي سار پٽن تي.

پوڻ پني آ، هاڻ تہ مولا !
واپس هُن کي وار پٽن تي !

تنهائيءَ ۾ سوچي ويٺو
هڪڙو تخليقڪار پٽن تي.

ساوڻ مند ۾ روز هوا پئي :
پُڇندي آهي پار پٽن تي.

تون جو مُرڪين مينهن جا ماما !!
ٿي وئي آ تذڪار پٽن تي.

اسان ويران واٽن تي وڇايل ٻار جيئن آهيون،
وساريل واعدن وانگي ٽُٽل اعتبار جيئن آهيون.

وڏايو پيگ ساقي ۾ اسان هڪدم وراڻيوسين :
اکين جي جام لئہ آتا اُڃي مئخار جيئن آهيون.

پڙهي بي حال چهرن کي سُڏون ٿا پيروي راڻو،
ڏسي ڇيڙي اسانکي ڪو تنبوري تار جيئن آهيون.

اسان جو روح رڻ وانگي اوهانجي آس ۾ آهي،
اوهين مغرور ٻادلڙا اسين ڏُڪار جيئن آهيون.

جواني عشق جي تڙ تان جڏهن پاڻي پرڻ آئي،
تڏهن هو هوش هي آيو ڀنل ڪنهن سار جيئن آهيون.





هٿائي گُهنج لوڏين تان مسافر سام ۾ آهن،
مليو وجهہ آ انائن کي وفائون لام ۾ آهن.

پڙهي هرڪو نہ آ سگهندو اکين جي آشياني کي،
پروڙڻ جون اکيون گهرجن، اکيون هر عام ۾ آهن.

نظارا سونهن جا ويهي، لکڻ کي ذات چئبو آ،
صبح کي سوچ آ پنهنجي، سرهايون شام ۾ آهن.

ٿئي هر رات ٿو راوڻ ستي سيتا جي لڄ پويان،
پسڻ جي پرک لازم آ، ڪهاڻيون رام ۾ آهن.

اُڪنڍ جو دؤر گذري ويو "چمن" لوڀي دنيا آهي،
وڏي ويئيون وڏائيءَ جون، رهاڻيون گام ۾ آهن.

کهڙيون چنڊ ڪري ٿو ٻاتيون ؟
ڪوهيڙي مان پائي جهاتيون.

بوندون ٿي برسات وٺي آ،
ٽاريليءَ جون ٿرڪيون ڇاتيون.

تو لئہ منهنجي سِر جا سائين !
رهنديون اکڙيون آتيون آتيون.

لالائيءَ جو ماڻُ وڏي ويو،
تو جو ڳاڙهيون چوڙيون پاتيون.

شاهه عنايت جي آ ڌرتي،
ڪهڙا مذهب ڪهڙيون ذاتيون.

ڪيئن پيو مهڪي ڳوٺ سڄو آ !
ڪوئل جون ٻُڌ منڙيون لاتيون !



چنڊ آٻانهُن ۾

ڪيئي ڄمندا شاعر هت پر _
رهندو تنهنجو خال پٽائي !

پڪ آ مونکي ، هڪ ڏينهن ايندين،
ڪالهہ وڏي مون ڦال پٽائي !

تون پل ڇاسر هومر کي پڙهہ،
مونکي گهرجي لال پٽائي.

تُنهنجي بيتن بن مون ڪاٽيو
موڳو سارو سال پٽائي !

سُڏڪيو مونن ۾ مونهن ڏيئي،
ڏسندي سنڌ جا حال پٽائي.

ڪير ٻڌي ٿو ميران سُرندو،
ڪير سُٽي سُرتال پٽائي !

ميڙي مايا، تون پر پاسا،
منهنجو ڌن ۽ مال پٽائي.

پراڻي پيار جا پاچا، اڪين آڏو تريا آهن،
قصا ڪي يادگيرين جا، هوائن ۾ هُريا آهن.

اُهي ڳالهيون، اُهي ڳوڙها، اُهي مُرڪون ۽ ٽاڪوڙا،
وساريل ورق ماضيءَ جا، منجهيل مَن تي چڙهيا آهن.

گذاريل ريٽ تي پنهنجي، ڪنواري نينهن جون راتيون،
اراين جيئن ٽچڪن ٿيون، نشا نِروار ٿيا آهن.

وسي پيو هيل آهي ٿر، ترائيون تار ٿيون آهن،
سمورا محبتي منظر، وطن واپس وريا آهن.

زنگيل هيءَ زندگي مُنهنجي، "چمن" تي چُور پئي آهي،
رُڳو ٽُنڪا رُڳو طعنا، ڏُکي دل کي مليا آهن.

⊙



چنڊ آٻانهُن ۾

نمن جي شهر ۾ سانجهي وري مون تي لٿي آهي ،
پراڻي عشق جون يادون سنپاري دل لُڇي آهي.

اڪين جي اُپ تي آڙنگ اوهانجي سار جو ٿيو آ،
نڪوري نينهن جي بارش ولهارون ٿي وٺي آهي.

پلر ۾ پير ڏوئيندي اچانڪ نينگري سوچيو :
ڏکيون هن پيار جون چوليون حياتي هلڪڙي آهي !

مڙهيءَ ۾ چات جي آڏو لڪائي مُونهن مورن کان،
پُڳي هئي سيند جي سڌ تي اها دل جي لڳي آهي،

گڙيندي پيار جو هُرمچ، چباڙي چيچ هُوءَ ويٺي،
رئي جو پانڌ آلو ٿيو غضب جي دلبري آهي !

⊙


نظم

## ٽري لاهيارڻ جي درد جي منظرڪشي

هاءِ ڪتيءَ جي ٿڌي موسم
جنهن ۾ جنمن دوريون هرهر
لاڙ ڪنڏيءَ تي ساريون نِسرن
لاهيارن جا ٽولا سنبرن
ڪيئي جوانيون چڪڙن ڇت تي
ستڄي لتڄي ڏاڍو ٿڪجي
لاڙي پوٺن تي ٿيون پُهچن
ڪيئي سِسڪيون آهون ٽڙپن
ڪيئي ڪوريون سوچون سپنا
ڦيٽن هينيان زخمي ٿين ٿا
محبت جا ڪي ڪيت نرالا
مند ڪان اڳ پيلاڙ ٿين ٿا
مان پڻ هڪ ٽر جائي آهيان
پاپي پيٽ ڪي پالڻ خاطر
لاباري تي آئي آهيان
روح ٽنگيل آ ٽر ۾ منهنجو
چونئرن واري گهر ۾ منهنجو
ياد اچن ٿيون سهيليون مونکي
جيڪي منهنجي ساه ۾ آهن
منهنجي سي ارواح ۾ آهن





هونئن پُڻ مند ڇري آ پهتي
سردي لهر وري آ پهتي
هن ئي مند ۾ منهنجي ٽر ۾
شاديون ڪاڄ وڏاٽا ٿيندا
ڪيئي جوڙا لائون لهندا
مينديءَ پور هٿن تي ڇٽبا
مونکي چنڊ نياپو ڏي پيو
تنهنجي منڙي پياري سرتي
سوڍي جي اڄ شادي آهي
تصور ۾ مان سوچان ويٺي
هن جي بخمل جهڙي بت تي
ڳاڙهو جوڙو پاتل هوندو
منهنجون ساه سريکيون سرتيون
هن جي پير ۾ ويٺل هونديون
شايد منهنجي ياد به ايندين
شايد تن جا هانءَ به ٽڙپن
راسوڙن تي ناچ به ٿيندا
مرڪون ٽڙنديون ڳوڙها ڳڙندا
رئندي سوڍي چونئري ڇڙهندي
ٻاروتڻ کي ساري لُڇندي
پوڙهيون گڏجي آتت ڏينديون
سهيليون سڏڪي روئي پونديون
ءِ پوءِ شام لڙيءَ جي ٽاڻي
هن جي نيٽ نکيٽي ٿيندي
هن جي جيجل ڏڪڪا ڏيندي
هن جو بابل سڏڪي پوندو
ننڍڙا ڀائر ننڍڙيون ڀيڻون

## محبت ڪونه مُئي آهي...!

محبت ڪونه مُئي آهي،
مري احساس ويا آهن !
رُلن ٿا پير راتين جو،
اجان ڪي عشق ماڻڻ لئه،
اجان ڪي قول پاڙڻ لئه،
گهٽين ۾ ڏور ڀٽڪن ٿا،





اجان ڪي نيڻ آڏين جو
سنڌوءَ جو ٻيٽ خالي آ،
مگر نوري نٿي وسري،
ٻتيلن جي پُٺيان ٻيٺل،
تماچي ڪيئن تنها آهن،
ڏنين ۾ سوڳواري آ،
ورهين جي بيقراري آ،
مهاڻن جي اکين ۾ ڇڻ،
صدين جي انتظاري آ،
زمانو جام ٿي ويو آ،
مگر مڪران چوٽين تي،
اجان ڪي درد جهومن پيا.
سسئيءَ جا سڏ گونجن پيا،
پُنهونءَ جا پنڌ ڀٽڪن پيا.
جڏهن ڪا ٿي وڃي چوڙي،
جڏهن ڪو تو ٽُٽي تارو،
تڏهن ڪنهن مور مومل کي،
پوي ٿو ياد راڻليو.
اکين ۾ انتظارين جا،
چڙهن ٿا ڏاگهه تي سپنا.
جڏهن آڪاس ڇاتيءَ تي
چندرما رات پونم جو
حجابي هٿ ڦيري ٿو
سمنڊ سڀ تڙپندا آهن،

امبر جو عشق ماڻڻ لئہ،
اُڏارون خوب ڏيندا هن.
لڇڻ لوڇڻ پچڻ پڄرڻ،
سمونڊن کي بہ ايندو آ،
جيئين سهڻيءَ کي ميهر سان،
ڪڏهن ترندي ڪڏهن ٻڏندي،
ملڻ جو راز ايندو هو.
ڪهاڻي پيار جي پنڌ جي،
مٺا ڪا مختصر ڪونهي،
ڄمارون ٿي گهري محبت،
لمحي پل جو سفر ڪونهي.
اُنين ئي پيار کي پاتو
جنين جا رُوح روڳي هُئا،
اُنين ئي سونهن کي ڄاتو
جنين جا جيءَ جوڳي هُئا.
وفائون اڄ بہ آهن پر،
دلين ۾ ڏوڙ اُڏري پئي،
پُڄائون اڄ بہ آهن پر.
وچن ۾ ڪوڙ ڪڙڪي پيو
جنين جا پير ٿانڊن تان،
جڏهن گذريا نہ ڪوسا ٿيا،
تنين محبوب هُئا ماڻيا،
تنين آسيس هُئا ماڻيا.





## مون ڀانيو تو آ ياد ڪيو !

ڳلهہ روهيڙي جي ٿاريءَ تي،
ڪنهن ڳيريءَ ويٺي راڳ ڪيو
مون ڀانيو تو آ ياد ڪيو !

ڪلهہ اڪ جي نيرين ڦُلڙين کي،
ڪو پوپٽ گهيري ويٺو هو
۽ ڀونئرن لاٿو ڦيرو هو.
مون ڀانيو تو آ ياد ڪيو !

ڪلهہ باک ڦُٽيءَ جي ويلا هُئي،
سڀ منظر اُجرا، اُجرا هئا،
۽ ماڪ جا ننڍڙا قطرا هئا،
جي مُنهنجي مُک تي مُرڪيا هئا،
۽ مور خوشيءَ مان ٻوليو هو،
مون ڀانيو تو آ ياد ڪيو !

ڳلھ ڳُونج اُتر کان ڪُٽڪي هُئي،
هيءَ دلبر دلڙي ڏڙڪي هُئي،
۽ ساڃي اک پي ڦڙڪي هُئي،
ڪا سار هوا ۾ سُڏڪي هُئي،
۽ ڪانگ ڪنڌيءَ تي ٻوليو هو
مون پانيو تو آ ياد ڪيو
مون پانيو تو آ ياد ڪيو!

⊙





## شاعر جي دل تڙپي پئي ٿي !

ڏُک مان ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙي،
سج لڪن ۾ نيٽ لِڪي پيو
پهريون پيار سنيپاري پنهنجو
هڪڙو شاعر نير اُگهي پيو
موتي مال وٿاڻن ڏي ٿو
نـنيڙا ڳابا ٿهڪ ڏين پيا،
هاري ۽ هارياڻيون گڏجي،
سانجهه سنيپاري موٽن ٿا پيا،
ٻارن هٿ ۾ گدريون آهن،
مائن مُک تي مُرڪون آهن،
نگهليل ٻاجهر ڪائڻ جي لئه
ڏور ٻچن کان آيل پنڇي،
آکيرن ڏي واپس ٿين ٿا،
سيم سموري ساوڻ رُت جا،
ناز منجهاران ناچ ڪري ٿي،
مور سڏي ٿو ڍيل نچي ٿي،
سي سڀ سهڻا منظر جانچي،
شاعر کي هوءَ ياد اچي ٿي،
دلڙي هُن جي ڦٿڪي پئي ٿي،
هوءَ جا هاڻ آ ڏور هلي وئي،
پيار جا سئو ڏئي پُور هلي وئي،

هُن جون راهون روز تڪينديون،
شاعر سُڏڪي پوندو آهي،
هندو سانجهي ٽاڻي مندر،
ديپ جلائڻ ويندا آهن،
باسون باسڻ ويندا آهن،
رب ريجهائڻ لاءِ مسلم،
مسجد ۾ گڏ ٿيندا آهن،
گِرجا گهر ۽ ديبل ۾ پڻ،
مالڪ ساريو ويندو آهي،
چريو شاعر سچ لٿي جو
مسجد، مندر، گرجا، ديبل،
پوڄا ڪارڻ ويندو ناهي،
پر هي مونکي پوري پڪ آ،
ڪاٿ عبادت هي ڀ ڪندو آ،
هُن جي دل جي ڏِهري ۾ پڻ،
شايد ڪو پيگوان وسي ٿو
شاعر سانجهيءَ ٽاڻي اڪثر،
ديوي ان کي پوڄيندو آ،
مَن جي خالي ڪنڊ ۾ اڪثر،
ميڻ بتيون پڻ ٻاريندو آ،
سائي سونهن جي ملڪا هن جي،
پاڳل من جو سڀ ڪجهہ آهي،
تنهن لئہ هُن جي دل جي ڌڙڪڻ،
سانجهيءَ ويلا روز وڌي ٿي،
شاعر کي هوءَ ياد اچي ٿي،
شاعر جي دل تڙپي پئي ٿي.





# ريڊيائي پسمنظر ۾ لکيل هڪ حقيقت

اُڏاڻيون عشق ڪوري جون،
مٽي جي شهر مان ڳالهيون،
ٽپهري جو چريو ٽاڻو
اکين کي معتبر ماڻو
نمن تي ڪانگڙا ويٺل،
رچيل ڪو روح ۾ راڻو

هي چونئرن جا وڏيل پاچا،
ڪنوارين جا جتي چرچا،
ڪَچي جو پورَ ڪو پوريل،
لڪيل جنهن ۾ الهي چا چا؟

گهڙيءَ پلّ ۾ وڳيون چُوڙيون،
۽ وينگس جون اکيون ٻوڙيون،
نرم ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾،
گهڙي سوني، ڪڙيون سوڙهيون،

ٻچيا پنج منٽ بس آهن،
وڏي رفتار وئي ساهن،
پرين مُنهنجي جو وارو آ،
وڇايان نيڻ ٿي راهن.

وساري پاڻ کي ڪوئي،
هرڻ جي چال سان سوئي،
ٻُڪي ٻوڙي ڪتولي ڏي،
پُڳي تڪڙي اکيون ڏوئي.

وڇاڙي جي وروڪن ۾،
رلين ڏُوتل پَروڪين ۾،
لڪايو ريڊيو پاڙس :
حجابن جي هڙوتين ۾.

وڃائي ريڊيو نِڪتي،
سهيلين خوب ڪئي مستي،
مگر هو ڏُن سان ڏڙڪي،
وساري لوڪ جي هستي.

وڏي آواز ۾ گونجيو،
پريان ڪو ڊاٽڪي دوهو،
مٺي آواز جي پڙلا،
سڄي ماحول کي منڊيو.

رڳن ۾ دلبري مُرڪي،
چري هر لفظ تي تڙپي،
لڳائي ريڊيو سيني،
ٿورو سُڏڪي گهٽو ڦٿڪي،

پريءَ کي مون ڏٺو ناهي،
پرين مونکي ڏٺو ناهي،





اِنهي آواز جي رِشتي،
مُڏي ڪاتي ڪُٺو آهي.

منهنجو سپرين منهنجو پيارو،
منهنجي هن مست جوڀن ڪان،
صفا اڻ ڄاڻ ئي هوندو،
مُنهنجي هِن چاهه چَرپڙ ڪان.

لڳي ٿو هُن جي نيٽن ۾،
پريتم ڪو تِڪيل آهي،
تڏهن ئي هو هوائن کي،
سدائين پيو ايئن تڙپائي.

الهي مونکي هو پائيندو،
الهي مونکي هو چاهيندو؟
ٿَلين جهڙي سُڪل دل تي،
ملڻ جو مينهن وسائيندو؟

هوءَ سوچي ٿي انهيءَ سڪ کي،
پري مان پرت ۾ ڇڏيان،
هن چادر جي پوري وچ تي،
پريءَ جي نانءُ کي ڇٽيان.

زمانو بي وڙو آهي،
زمانو جام ٽوڪيندو،
پريءَ جو نانءُ جي لکنديس،
زمانو جام روڪيندو.

چري دل جي چريائپ آ،
الهي ڪٿ وئي اڙي آهي،
سدائين رات آڌيءَ جو،
سجڻ ساري سڙي آهي.

چڙهي تصور جي چانگي تي،
هوا ۾ هوءَ اُڏامي ٿي،
پرينءَ جي هڪڙي پاڪر لئہ،
پَچي پَچري ۽ ڪامي ٿي.

پَوَن ٿا وڏ دوريءَ جا،
بتي بڻجي وسامي ٿي،
دکن ٿا درد دلبر جا،
ٻري ٿي ۽ اجهامي ٿي.

منيءَ جي شهر ڏي ويندڙ،
اڙي او واءُ واهوندا !
چري شاعر کي هينئن چئجان،
نمن جي ڳوٺ ۾ هڪڙي،
جواني توکي ساري ٿي:
مندر ويران دل جي ۾،
سدائين سانجهہ جي ٽاٽي،
پنهنجي آسن کي ٻاري ٿي،
تنهنجون راهون نهاري ٿي،
توکي ڏاڍو پُڪاري ٿي.



چنڊ آ ۽ پاڻهن ۾

## سور نئون ٿو دل ۾ اُيري

ها وقت انهيءَ کي ڪير وساري،
هُن جو ساٿ جڏهن هو مونسان،
هُن جي وارن چانوَ ۾ ويهي،
ٿڌڪ هوا کي ارپياسين ڪي،
هُن جي چوڙين جو ها ڇڻ ڇڻ،
اڄ پڻ مُنهنجي هانءُ هُري ٿو،
اڄ پڻ ساهہ ڪڻڻ جي ويلا،
مُک تي هُن جو نانءُ تري ٿو،
وقت مسافر جيئن پيو گذري،
سج سان گڏ هر روز او سانول !

## هوليءَ پنهنجا رنگ رچايا

هُن جي وهنجي وار سُڪايا،
ساري تر جا پونئرا ٻوڙي،
خوشبوءِ واس وٺڻ لئه آيا،
سينڌ سجائي سينڌر سان هُڻ،
سيم سڄي ۾ مُرڪي هُئا چڻ،





هوليءَ پنهنجا رنگ رچايا،
هُن جو ڪلندي آرس موڙي،
ڪيئي پوپٽ زخمي ٿي پيا،
ڪيئي جڳنو پاڳل ٿي پيا،
مورن ڪان ويون مستيون وسري،
چنڊ لِڪي پئي ليئا پاتا،
تارن ٽمڪي اک ڀڳي پئي،
واءُ وڙهي پيا، اُپ رنو پئي،
بارش هُن جا پير چُهڻ لئه،
واچڙ ٻڏجي در تي پُهتي،
هُن جيئن نهاريو پاٽيءَ ۾ هو،
لهرون ٻوڙيون بي تابيءَ مان،
سنڌو هُن کي ڳولڻ نڪتو،
ڪيئي وسنديون چٽ ڪري ويو،
ويڙها وسنديون پٽ ڪري ويو،
ڌرتيءَ جا سڀ پنڇي پيارا،
هُن جون ڳالهيون ڳائڻ ويٺا،
هن کي سمجهي سونهن جي ديوي،
پنهنجو سيس نمائڻ ويٺا،
هُن جا ٻول وُڻي جون ويرون،
هُن جي مات ڏڪارن جهڙي،
هُن جو انگ لَٽ اُپ ۾ انڊلٺ،
هُن جا نيڻ ستارن جهڙا،
منهنجا سارا شعر اڌورا،
هُن بن آهن، هُن بن رهندا.

## ڀلوڙ راڳي رجب فقير کي ڀيٽا

ٽُنهنجي چپڙن جي ڪپرن تان نڪتل پرين،
لفظ جنهن پل هوائن ۾ وکريا هُئا،
ڪونپٽن جو ڪڪوريل ڳُراڙو بدن،
جام جهوميو هيو خوب تڙپيو هُيو
تاهه ڪائي اُڏاڻا هُئا مورڙا،
ڊيل ڦٽڪي هُئي مرگهه مُرڪيو هيو
ڪونج ڪُرڪا ڪندي اُت ڀڳي هُئي پرين،
جن پٻن تان اوهان جو گذر ٿيو هُيو
۽ ٻڏايان مان ڪهڙا قصا سيم جا،
وڻ لامن کي لوڏي پڇائون ٿا ڪن،
تون ڏراڙن جي سينڍين جو سُهڻو سنگم،
تون ڳنوارن جي ڳالهين جو موضوع مٺا،
تون پکالي جي پيرن جو پوڙهو پرم،
تون ڍاڳڻ جي ڳوڙهن جي پاڻيءَ جيئان،
تون سهاڳڻ جي چُوڙي جو هلڪو رِڌم،
تون ڪنوارين اکين جو ڪو سپنو سڄڻ،
تون لڳين ٿو حجابن جي موسم جيان،
تون جوانيءَ ۾ لکيل نشيلو نظم.

⊙





## سجدا ڪياسين

نڪو ٻانگ ڏيئي الله کي سڏيوسين،
نہ ئي ڪنهن بہ مسجد جي ويجهو لنگهياسين،
نڪو سنک سمجهيو ڪهاڻي اسان جي،
نہ ئي تلڪ پائي ڪو پنڊت ٿياسين،
ڪڏهن پيي نہ مڻين جي مالها جپيسين
ڪڏهن پيي نہ ڀڳوان موهي سگهياسين،
مگر ها اسان پيي عبادت ڪئي سين،
اسان پنهنجي پياري پرين کي فقيرو
لکي لوڪ کان ڪوڙ سجدا ڪياسين،

⊙

## مُنهنجي مُرڪ اجهامي وئي آ..!

هڪڙي ڳالهہ ٻُڌي چڏ پوڙها !
آئون وچان پئي لاڙ ڪناري،
هاڻي شايد مُشڪل موٽان،
چو تہ عُمر ئي اهڙي آهي،
جنهن جي ڇڄ مان باقي ڏينهڙا،
سارين وانگيان روز ڇڻن پيا،
۽ جيئن ٽُنهنجي نيڻ نديءَ مان،
ماڻڪ موتي روز ٽمن پيا،
ايئن پڻ ناهي شايد گڏجون،
جيڪا مُنهنجي جهوني من جي،
گُڏڙين جهڙي آشا آهي،






مانَ! مرڻ کانپوءِ پُٽڙا،
پنهنجو قرض چُڪائڻ خاطر،
منهنجي ٽيج ملهائڻ خاطر،
لاش ڪٽائي واپس موٽن،
۽ تون مُنهنجي راهه تڪيندين،
هر ڪنهن ڇڪڙي ۾ جاچيندين،
هٿ مٿي تي رکندين منجهندين،
منهنجو ميت اُٺائي ايندڙ
لاري گهر ڏي مُڙندي ڏسندين،
مَن ۾ مٺڙي آس سجائي،
لنڙي سهاري گهر وٽ پهچين،
مُنهنجي مُک تان اجرڪ لاهي،
ڪانڌ ڏسي تون پچندين ڪڙهندين،
شال جُڳا جڳ پوءِ جئين تون،
ها! او سائين درد بہ ٿيندئي،
ٽُنهنجي جهوني من جي پٽ ۾،
سور بڻائي ڏار چڏيندئي،
مون کي ڏوهي سمجهڻ لڳندين،
پر او مُنهنجا وَر وڻجارا!
منهنجو ڪوئي پاپ نہ آهي،
مُون تہ وچوڙو ڪو نہ گُهريو هو،
پر هن ريت ڪُراڙي خاطر،
ڏهاڳڻ بڻجڻ کان اڳ دلبر،
دعا گُهري هُئي ڊپ مان هڪڙي،
جيڪا هاڻ اگهامي وئي آ،
مُنهنجي مُرڪ اُجهامي وئي آ.

## عشق

عشق ڪُنواري ٻانهن ۾ پاتل،
ڪنگڻ وانگي وڄندو ناهي،
عشق اندر ۾ پچندو آهي،
عشق اکين ۾ نچندو آهي،
عشق ٻُڪايل ٻالڪ وانگيان،
وياڪل وياڪل هوندو آهي،
در، در سُوالي ٿيندو آهي،





هڪڙي مينهن جي مامن جهڙي،
مُرڪ ٻِڪيا ۾ پندو آهي،
لُچندو آهي، ڦِرندو آهي،
عشق اکين جي واچڙ ڪانپوءِ،
مَن جي ڏوتل پوتل پَڏَ مان،
ڪُنيين وانگيان ڪِڙندو آهي.
عشق لڳڻ کان پوءِ هر پل،
دل جي گهر ۾ خالي ڪٿ تي،
سُور سدائين ٽڪندو آهي،
۽ پوءِ ماڻهوءَ جو هر گُفتو
سُرندي وانگي وڄندو آهي،
عشق اکين ۾ ڪِلندو آهي،
عشق نظر ۾ روئندو آهي،
عشق ڪي پنهنجو جِيوَن آهي،
عشق گهڙيءَ ۾ جيئندو آهي،
عشق لمحي ۾ مَرندو آهي،
عشق درياهه ۾ سنهڙي پَن جيئن،
ٻُڏندو آهي، ترندو آهي،
لهرن ۾ بس لڙهندو آهي،
عشق فضا ۾ پنڇي وانگيان،
اُڏندو آهي، لهندو آهي،
عشق سنڌوءَ جي لهرن جهڙو
عشق رسالو شاهه سائينءَ جو.
عشق امڙ جي ٿڃ جو قطرو
عشق مقدس ٿيندو آهي،
عشق مقدس ٿيندو آهي.

## شهيدن جي نانءِ

تون پل ڏانتا روز تپاءِ !
پر هن سهڻي ڌرتي سنڌ مان،
ريج ڏنل شهيدن رت مان،
سونا سنگ تي جوڏا ڦُتندا،
تن کي ڪيئن پيلاڙ ڪندين تون،
او ڏارين جا پاليل ڪُتا !
نيٺ تہ تنهنجو وارو ايندو،
تنهنجو مُنهن پڻ ڪارو ٿيندو،
ٻاگهل توکي ٻُجا ڏيندي،
ڏاهر جي اک مُرڪي پوندي،





روپو دولهہ، دودو هيمون،
تنهنجون سي ٻئي اکيون ڪيندا،
جن ۾ مير رکيو تو سنڌ لئہ،
جن ۾ وير رکيو تو سنڌ لئہ،
ڪانئر ! تون بي سُرتو آهين،
سنڌين کي تو ڄاتو ناهي،
سنڌي بي ضميرا ناهن،
تنهنجي وانگيان او درٻاري،
ٻڄڻا، بزدل، پاڙيا ناهن،
هر سنڌياڻي پرميل ديوي،
هر هڪ سنڌي راجا ڏاهر،
سنڌوءَ ڌارا جن جي رت ۾،
ماءَ جي ٿڃ ٿي وهندي آهي،
مٽيءَ، ماءُ ۾ شاهہ سائينءَ سان،
تن جو عشق السٽي آهي،
تون ڙي ٻين جي دَر تي پلندڙ
لوسي ڪُتن وانگيان رُلندڙ
جهوڪ ڪڏهن نہ جهوري سگهندين،
سن ڪڏهن نہ ساڙي سگهندين،
پُلجي تو جي سنڌ ڏي سوچيو
مير رکي جي جنڊ ڏي سوچيو
ميري تنهنجي سوچ نہ رهندي،
آگر ڪنيئي جي سنڌ ڏي پُلجي،
پاڙهہ منجهان سا آگر ڪپبي،
آگر سان گڏ هٿ بہ وڍبو،
هٿ سان گڏ ها سِر بہ وڍبو !

## پرين ! ڏاڍو پڪاريندين

ملڻ جي موڊ ۾ ناهين،
يا دلبر درد کو ٻيو ٿئي،
اکين کي آس تنهنجي آ،
چپن کي پياس تنهنجي آ،
گهٽين ۾ ڀٽڪندي ڍوليا،
جواني موڪلائي پئي،
تنهائي هانوَ کائي پئي،
کيو مون ڏوھ کهڙو جو،
مٺا تون مونهن موڙي وين،
سچا ناتا تون توڙي وئين،
الهي ڇو او پرين پيارا !
اسان کان ڏور گهارين ٿو
کڏهن ڀُلجي نه سارين ٿو
هلي آ حال مان نڪري،
هلون اچ ڏُور ماضيءَ ڏي،
اُهي ٻچپن سندا منظر،



چنڊ آ ٻانهنُ ۾

اکن جي اوٽ ۾ ويهي،
لِڪياسين لوڪ لوڀيءَ کان،
کيونسين قرب جون ڳالهيون،
سموريون سي پرين ڳالهيون،
کنن ۾ والڙين وانگي،
اڃان پڻ يار لڙکن ٿيون،
سمهاري سيم ساري کي،
اکيون منهنجون ٻه ڀٽڪن ٿيون،
اڃان جي سوڳ ۾ ساڃن،
گذاري سال هي ويٺين،
ته پوءِ منهنجي وصيت ٻُڌ،
جڏهن پڻ جند آجي ٿي،
جلي مان تنهنجي او جاني!
اسان جي ڳوٺ تون اڇجان.
اسان جي ڳوٺ جي پر ۾،
نئين هڪڙي قبر هوندي،
دنيا ٻي بي خبر هوندي،
انهيءَ جي او مٺا سائين،
مٿي پي منتظر هوندي،
مٿي سان مُرڪندي توکي،
ڳرائيون چار پائيندي،
ٻه ٿي تون لڙک لاڙيندين
تڏهن مونکي تون سارينديں،
پرين ! ڏاڍو پڪاريندين.

## ننڊ

ڪجهه سُور پراڻا ساٿاري،
اڄ آڌي تاڻي جاڳيا هن،
تون ننڊ اکين جي ڳوٺ منجهان،
بس پنهنجا پيرا ڊاهي وڃ،
آ تارن جو ڪو سيج سجيل،
۽ نيري اُڀ جي گوڏي تي،





هُو چوڏهينءَ جو آ چنڊ سُتل،
۽ مان جي هن ڪان هيڪلڙو،
هن گهر جي خالي ڪنهن ڪنڊ ۾،
تو ساڻ نپايان نينهن ناتو
او ننڊ ! قسم تئي خوابن جو
تون پنهنجو پاڻ ڪٺائي وڃ،
هِن اک جي خالي اوتي تان،
تون پنهنجا پيرا ڊاهي وڃ !
نيڻن جا پاند پُسائي وڃ !
ڪجهه درد ڏڪايل ويچارا،
اڄ لاوارث تي پيتڪن پيا،
آ سيءُ گهٽو هُو ترڪن پيا،
بي ڏوهه اميرن جي گهر مان،
هُو زوري ٻاهر اُڇليا ويا،
جي مان نه ڪندس ٻيو ڪير ڪندو،
تن ويچارن تي قياس چري،
او ننڊ قسم تئي لڙڪن جو
او ننڊ قسم تئي اُلڪن جو
او ننڊ قسم تئي لفظن جو
او ننڊ قسم تئي اُڌمن جو
او ننڊ قسم تئي پلڪن جو
تون موٽي وڃ ! ها موٽي وڃ !

## نم جو وڻ

کهاڻي نم جي وڻ جي،
اندر جي ٻار ورجائي،
پُراڻي دؤر جا پاڇا،
اباڻي ڳوٺ جون يادون،
سُريلو وقت هوندو هو،
دلين ۾ جوش هوندو هو،
وڏي ورهاڱ ڪان اڳ ۾،
سموري ڳوٺ جون مايون،
ڇڏائي توڙ مان جندڙي،





هٿن ۾ پرت ڪي ويڙهي،
وڏا احساس ڪي سهيڙي،
اچي هُت گڏ ٿينديون هُيون،
پري ڪو پرت ويندي سين،
نئون هُرمچ چنڊبيندي سين،
اندر جي آرزو سائي،
انهن جو ڏڍ هُوندي هُئي،
سُريليون سي جڏهن گڏجي،
ڪري ڪلڪوڙ ۾ ڪيتا،
هُيون بس ڳيت ڳائيديون،
تڏهن ماحول جي مُک تي،
اچي ڪا مُرڪ ويندي هُئي،
مگر ڪو واءُ واچوڙو،
ويو تنهن وڻ کي ويڙهي،
پکين ۾ ٿاھ پئجي ويا،
دلين ۾ گهاءَ پئجي ويا،
ڪنگن جا ڪوڏ مان ٿاهيل،
آکيرا نيٺ اُجڙي ويا،
نماڻين نير پي وهايا،
پُراڻا ڏينهن پئي ساريا،
جنين جي يادگيرين جا،
حوالا هُئا انهي وڻ ۾،
سُڪل تنهن وڻ جي پن جيئن،
انهن جي سوچ ڇڻندي وئي،
ٽُٽل ڪنهن ٽونر جي وانگيان،
اُنهن جي آس ٽُٽندي وئي.

# وسڪاري ۾ سهڻا سانول !

هيل وري تون ڪنهن جي لاءِ
دل جي پٻ تي دلبر منهنجا،
نئون گهر ٺاهي ويٺو آهين،
وسڪاري ۾ سهڻا سانول !
ڪنهن کي چاهي ويٺو آهين،
سار اُتر جي هير جيان آ،
سار وُٺي جي وير جيان آ،
سار هڏي جي سُور جيان آ،
سار پُراڻي پور جيان آ،
سار گلابي گيت جيان آ،
سار اڳوڻي ريت جيان آ،
سار ڪنواري ڦهر جيان آ،
سار پره جي پهر جيان آ،
اڪ جي پن تي ماڪ ڏسي چو،
نير وهائي ويٺو آهين ؟
وسڪاري ۾ سهڻا سانول !
ڪنهن کي چاهي ويٺو آهين ؟
پيار وُٺي جي واچڙ آهي،
پيار هوا جي جهونڪي وانگيان،
پيار هوا جا ڦٽ سبي ٿو،
پيار پکين جي ٻوليءَ وانگيان،
پيار امڙ جي لوليءَ وانگيان،
پيار جهليل ڪنهن جهوليءَ وانگيان،
پيار اباڻو ڳوٺ اسان جو،





پيار ڏٺل ڪنهن اوٺي آهي
پيار منجهان تون ڪنهنجا پيارا!
پور پچائي ويٺو آهين _
وسڪاري ۾ سهڻا سانول !
ڪنهن کي چاهي ويٺو آهين ؟
مُرڪ ٻدي جي بارش جهڙي،
مُرڪ پلريئي پاڻيءَ وانگيان،
مُرڪ تتر جي ڪيڙو ڪيڙو،
مُرڪ هوا ۾ اُڏندڙ هُڙيو،
مُرڪ گلن جو گهاٽو جهڳٽو،
مُرڪ وڻن جو گونج سُريلو،
مُرڪ سهي جو سُندر سپنو،
مُرڪ گدڙ جي اڪ شڪاري،
مُرڪ جو مُک تي ڏانوڻ ٺاهي،
ڪير ڦاسائي ويٺو آهين _
وسڪاري ۾ سهڻا سانول !
ڪنهن کي چاهي ويٺو آهين ؟
درد ٿُنل ڪا مرگهه اُجايل،
درد رُڃن جو پنڌ اٽانگو،
درد پخالي در در گهمندڙ،
درد هُجي ڄڻ اٿ جڙو ڪو،
درد ڪنوڻ جي تجليءَ جهڙو،
درد گگن ۾ وڄ وراڪو،
درد سِريءَ جو گهاءُ مٺو ڪو،
درد پُرٿ جو سنهڙو ٻوٽو،
درد منجهان ڪنهن ڏن کي ڳائي،
دل وندرائي ويٺو آهين _
وسڪاري ۾ سهڻا سانول !
ڪنهن کي چاهي ويٺو آهين ؟

## اکين مان نير هاريو هو

لُـڏيـون پـي لام ۾ انـبـڙيـون،
تـڪـيـو پـي ڏار تـان طـوطـن،
پرياں لوڙهي جي ويـجـهو هُـن،
ڏنــا پــي مـــور ڪـــي داٽـــا،
اڳــڻ ۾ نــم جـي هـيـٺـيـان،





ڏُڏي پي ڳـئـون ڪـا ڏوجـهـارڻ،
ڪُـلـهـي تـي وار پـئـي ڪـريـا،
اڇـا گـيـسـو هـٽـائـيـنـدي،
اچـي ويـس يـاد جـوڀـن جـي،
جـڏهـن هـوءَ راتـڙيـون جـاڳـي،
ڪندي هُـئـي رهـاڻ تـارن سـان،
پنهنجي مـحـبـوب ڏي تـحـفـا،
اُمـاٽـيـنـدي هُـئـي ٻـارن سـان،
ڪڏهن ها هينئن ٻـہ ٽيـنـدو هـو،
سـمـهـاري سـيـم سـاري ڪـي،
ڪـنـدي هُـئـي پـنـڌ پـيـارل ڏي،
وڏي ڪنهن ڄار جي ويـجـهـو،
اُنــهــن جــو آســتــانــو هــو،
پــريــمــي پــاڻ ۾ مــلــنــدي،
جڏهن هُـئـا ٿـهـڪ چـيـڙيـنـدا،
تـڏهـن مـاحـول جـي مُـک تـي،
اچي ڪا مُـرڪ ويـنـدي هُـئـي،
جـڏهـن هـوءَ پـيـار ۾ پـلـٽـي،
ويڙهي مـحـبـوب ڪـي ٻـانـهـون،
چــپــن تــي پــور لالــيءَ جــا،
چميون ڏيـئـي چـٽـيـنـدي هُـئـي،
تـڏهـن ان بـخـمـلـي چـولـي،
سـنـدا سـپ بـي وڙا ٻَـڪـيـا،
ڪـري تـڙڪـات ٽُـٽـنـدا هـئـا،
ٻانهنِ پاتـل ڪـيـئـي چـوڙيـون،
ٽُـٽـي بـس روز پـونـديـون هُـيـون،

اُهي سارا ڏسي منظر،
مٿي آڪاس تي ڪيئي،
ٽُٽي تارا ٻه پوندا هُئا،
ڪڏهن چنڊ خار ڪائيندي،
لِڪي ويندو هو ڪڪرن ۾،
ڪتيون آرس ڀڃينديون هُيون،
سنپاري مهڪندڙ ماضي،
ويٺي هو ڪير ڪي هاري،
اکين جي ڍنڍ جو پاڻي،
پيو پلٽي هو ڪپرن تان،
ڏيئي هو هٿ گوڏي تي،
اُٿي هُئي عشق ڪي اوڍي،
وري واپس هو لانڍيءَ ڏي،
اُنهي لانڍيءَ جي هڪ ڪُنڊ ۾،
ڪجيءَ جي واڻ سان واٽيل،
ڇڇيل ڪٿ تي سُتل ساڳيو
اُهو محبوب هو ماٺهو
جنهين سان هوءَ تصّور ۾،
پڳي هُئي ڏور ماضيءَ ڏي،
سُڻي آواز پيرن جو
اُهو جهونو اُٿي ويٺو
ٻنهي مُرڪي نهاريو هو
پنهنجي جوڀن ڪي ساريندي،
ٿڌو ڪو ساهه واريو هو
اکين مان نير هاريو هو.





## * سامي

اَنا الحق جي نعري جهڙا،
سامي توکي سنڌ سڏي ٿي،
ويراڳين جو واسو تو ۾،
سنياسين جو ساهه تون آهين،
ٻک جنين جي ٻکيا تن لئه،
ها ! وڏو ويساهه تون آهين،
تون هُئين ڏوڙ ڏڪاري نڪتو
پنهنجا سور سمهاري نڪتو

جاڳڻ سان تو جوڳ نڀايو
اخبارن جي سوڙهي جڳ ۾،
درويشيءَ جو ديس اڏايو
پٽڪڻ تنهنجي من تي ڇاتو
جنهن سان هُن جو ازلئون ناتو
گاروڙين جا گام ڇڏي تو
کاهوڙين جا ٽولا ٽاهيا،
شاهه سائينءَ جا بيت ٻڌائي،
تن جا روح رتولا ٽاهيا،
پر ڙي کهڙي کارڻ سامي !
آديسين جيئن ماٺو ٿي وين !؟
ساري سنڌ جي وستين کي جو
دودي تنهنجا حال ٻڌايا،
سنڌ صدائون ٻڌجي دانهيو
صوفي شاهه عنايت سُڏکيو
هوڏانهن ديس درازن پاسي،
سچل توکي سڏ کيا پئي،
جهيڻائيءَ جي جهار اُڏائي،
ماڳ انهيءَ ڏي واپس ور تون،
جهان جتي تو دل سان جوڙيو
ٻيهر سو آباد ڪري ڏس،
صوفين جا آديش ٻڌائي،
هيڻا من کي شاد ڪري ڏس !
هيڻا من کي شاد ڪري ڏس !

* نالي واري صحافي هريش ساميءَ جي نانءِ





## خواب نگر

ماڻهوءَ جو من خواب نگر آ،
جيڪو ڪيئي خواب ڏسي ٿو
تن مان ڪن جي پلڙي ۾ ڪجهه،
ساڀيان جا احساس ڇمن ٿا،
۽ ڪجهه سپنا ساڀيائن جي،
رستي ۾ بس زخمي ٿين ٿا،
هر هڪ من جا خواب جُدا هِن،
هر هڪ من جا باب جُدا هِن،
هڪڙا خواب ڪٿوريءَ وانگيان،
روح کي راحت ڏيندا آهن،
۽ ٻيا خواب گٽر جي ڏپ جيئن،
ناسون ساڙي ويندا آهن،
هِڪڙا خواب بهارن جهڙا،
دل جي پَڍَ تي ڪچڙا ڪچڙا،
ساوا گونچ ڦٽائيندا هِن،
۽ ٻيا خواب خزائن جهڙا،
مک تان مُرڪون پيليندا هِن،

هڪڙا خواب اُهي ئي آهن،
جيڪي رمتي جوڳي وانگيان،
دردر ٻين وڃائيندا هِن،
ڪنهن جي دل جي خالي ڪنڊ تي،
پنهنجا خيما کوڙيندا هِن،
هڪڙا خواب مسافر ٻڻجي،
شهر شهر ۾ ڀٽڪيو ڇاڻن،
جيڪي خواب هوا سان پنهنجا،
رشتا ناتا جوڙيو ڇاڻن،
تن جو ڪوئي گام نہ آهي،
تن کي ڪو آرام نہ آهي،
پوڙهي من جا خواب ڪُراڙا،
ٽيڪ سهارو ڳوليندا هِن،
موڳي مَن جا خواب ويچارا،
ويڳاڻا ئي هوندا آهن،
هر ماڻهوءَ کي پنهنجو مَن آ،
هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجو ڏن آ،
جنهن جو نالو خواب نگر آ،
جنهن جو پاڙو اڪ پڌر آ،
هڪڙو شاهہ پٽائي ئي هو،
جنهن پُڻ هڪڙو هرمچ جهڙو،
ڳاڙهو نيرو خواب ڏٺو هو،
ٻاگهل، دودي، راڻي، روپا،
اُجري سُجري ماتا سنڌ جو،
پنهنجي من ۾ خواب ڏٺو هو،
رڻ ڪنڌيءَ تي رُلندڙ ڦرندڙ،
ٻولو نڪ ۾ پائي گهمندڙ





ريٻارڻ پڻ خواب ڏٺو آ،
هوڏانهن لاڙي لاهيارڻ پڻ،
لاباري جو خواب ڏٺو آ،
ٿر جي پُوري پٽ تي گُهمندڙ
ٿاريلي ۽ ٻاپيهي پڻ،
خواب ڏٺو آ مينهن وسڻ جو،
مُند مَٽڻ ۽ گاهہ ڦُٽڻ جو
ڪارونجهر جي ڪور ماٿاران
ٽهوڪا ڏيئي من ٺاريندڙ
مور پکي ئي خواب ڏٺو آ،
شل هي ماري ماڻهو ٻڻجن،
مِرگهہ اجايل رِڻ ۾ رُلندي،
گاهہ ڦُٽڻ جو خواب ڏٺو آ،
۽ هڪ ڏُتڙيل وياڪل شاعر،
هڪڙو ڏنڌلو هڪڙو اُجرو،
انسانيت جو خواب ڏٺو آ،
جنهن ۾ هُن ڪجهہ هيئن ڏٺو آ،
ديول، مندر، مسجد، گرجا،
هڪڙي هنڌ تي جوڙيل آهن،
هر ماڻهوءَ کي پنهنجو گس آ،
هر ماڻهوءَ کي پنهنجو وس آ،
هر ماڻهوءَ ۾ رس ۽ چس آ،
هر ماڻهوءَ کي هڪڙو من آ،
هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجو ڏن آ،
جنهن جو نالو خواب نگر آ،
جنهن جو پاڙو اڪ پڌر آ.

## اڄان تون نه آئين !

وري ميگهه برسيا ۽ مورن پُڪاريو
اسانجي اُداسيل چپن توکي ساريو
نماڻين نگاهن گسن ڏي نهاريو
مگر مُنهنجا سانول ! اڄان تون نہ آئين !
کيا سانگ سانوڻ وري گاهه ڦُٽندا،
وري مينهن ماما پٽن پَر ڦِرندا،
همرچا ۽ مورا ٻنين ۾ پيا ٻُرندا،
اوهانجي اچڻ سان چريا نيڻ ٿرندا،
مگر منهنجا سانول ! اڄان تون نہ آئين !
مندن تي تہ پنڇي بہ موٽي ورن ٿا،
کارونجهر تي کونجن جا ٽولا لهن ٿا،
وهيا مُند سارينديِ ٿر ڏي اچن ٿا،
اوهان لئہ تہ تاڙا تنوارون بہ کن ٿا،
مگر منهنجا سانول ! اڄان تون نہ آئين !
ڏراڙن جي سينڍين لڳي سار ٿُنهنجي،
ڳنوارن تنوارن لڳي سار تنهنجي،
ٻُڍن توڙي ٻارن لڳي سار ٿُنهنجي،
نماڻن نظارن لڳي سار ٿُنهنجي،
مگر مُنهنجا سانول ! اڄان تون نہ آئين !
سڄي سيم توکي پُڪاري وري آ،
هوا گس پيئي ٻهاري وري آ،
گهٽا کانگ کارا اُڏاري وري آ،
"چمن" جي چري دل ٿي ساري وري آ،
مگر مُنهنجا سانول ! اڄان تون نہ آئين !

بابا جي وڇوڙي تي لکيل





## شاعري سرجي

جڏهن کنهن گج جو ٿانکو
سنوري ڦٽ ويو ٻڙجي،
تڏهن مون شاعري سِرجي،
جڏهن کنهن واٽ ويندل ۾،
ٽکينديون هي رهيون اکڙيون،
مٿان اڌ رات هُئي کڙکي،
تڏهن مون شاعري سِرجي.
جڏهن کنهن رت سان ريٿيل،
سڏيو هو ٻانڌٽي سائين،
سنڌو اوٿل جيئن دل ڌڙکي،
تڏهن مون شاعري سِرجي.
جڏهن کنهن ٻار جي رينگٿ،
اسان جو هوش جاڳايو،
پريان پي ماءُ کا وِجهڪي،
تڏهن مون شاعري سِرجي.
جڏهن کنهن سوز جا نوحہ
لکيا ويٺي چري شاعر،
اُڏيا هُئا سونهن جا پنڇي،
تڏهن مون شاعري سِرجي.
جڏهن کنهن پٽ جي پرسان،
نهاريو پيار سان مونکي،
ڏٻي هُئي دل جي ڏرتي،
تڏهن مون شاعري سرجي.

## دل درگاهه

مُنهنجي من جو اُجڙيل صحرا،
جنهن ۾ درد ڏڪارن جهڙا،
هاءِ هميشه ايندا آهن،
ساٿ نڀائي ويندا آهن،
ان صحرا جي هڪڙي پاسي،
باک نما ڪا بستي آهي،
بستيءَ ۾ ڪا وستي آهي،
وستيءَ ڪي ڪا هَستي آهي.





جنهن جو عشق الستي آهي،
ان بستيءَ جي هڪڙي ڪُنڊ تي،
دل نالي سان درگاهه آهي،
عشق مجاور ان جو آهي،
پيار خليفو تنهن جو آهي،
جنهن ۾ خيال ملنگن وانگي،
روز ڌمالون هڻندا آهن،
ميريون مست پيوت سان پريل،
سوچن جون ملنگياڻيون ڪيئي،
ٻاري ڏيئا تمنائن جا،
باسون باسڻ اينديون آهن،
لاپ پرائي ويندڀون آهن،
درگاهه جي هڪ ڳالهه جدا آ،
هِن درگاهه جو پير زنده آ،
پيار منجهان هو پُوڄارين کي،
سڏ ٻه ڏي ٿو حال پُڇي ٿو
پر درگاهه کان دور رهي ٿو،
دل درگاهه جا سارا رستا،
هُن جي روئي راهه ڏسن ٿا،
پوڄا پاٺ پُڄائون ڪن ٿا،
عشق اَسر جو روز اُٿي ٿو،
درگاهه کي هو ٻُهارو ڏي ٿو،
مُرشد جو ڪو جاپ جپي ٿو،
۽ درگاهه کي آٿت ڏي ٿو،
پنهنجي پر ۾ خوب لُڇي ٿو.
دل درگاه جا لڙڪ اُگهي ٿو.

## مُحبت

نيٺ تہ هڪ ڏينهن وچٽو پوندو،
پنڇي وانگي آڪيرو ھي،
آخر هڪ ڏينهن ڇڏڻو پوندو،
پيلي پن جيئن تيز هوا ۾،
ٽڪي ٽڪي اُڏڻو پوندو،
تو تہ چيو هو مُنهنجي جانم !
پنهنجو پيار روحاني آهي.
پوءِ ڇو؟ پنهنجي ڏار ٿيڻ تي،
ايڏو وياڪل ٿي وئي آهين !
مُرڪ ڇپن جي گُم ڇو آهي،





ٿهڪ بہ شايد وسري ويا ٿئي،
لڙڪن مان سونهن وهنتل آهي،
وار بہ اُلجهي وکري ويا ٿئي،
جڄهڪي جڄهڪي هينئن چوين ٿي :
باقي چند ڏهاڙا آهن،
جن کانپوءِ هميشہ لاءِ،
هڪڙي ويرڻ ڏُوري ايندي،
جيڪا پنهنجن جسمن کي بس،
کوهين ڏُور نهوڙي ويندي،
۽ پوءِ ٿڌڙا ساهہ کڻين ٿي،
پنهنجيءَ دل جا درد لڪين ٿي،
تيسين منهنجا چپ چُرن ٿا،
آءُ انهيءَ کان اڳ ۾ گڏجي،
جِيوَن گهارڻ لاءِ ڪوئي،
ننڍڙي آٿت ۽ ڏِي ٿاهيون،
سُک جو سورج نيٺ اُڀرندو
ديس بہ اهڙو نيٺ تہ ٿهندو،
جنهن ۾ محبت کان ٻي هر شيءِ،
داخل ٿيڻ ئي ممنوع هوندي،
پونئر گڏجي گيت رچيندا،
پوپٽ مُرڪي آجيان ڏيندا،
تون ٻي اڄجان مان پڻ ايندس،
ديس انهيءَ ۾ مُنهنجي منڙي !
جنهن ۾ هڪڙو نعرو هوندو،
محبت زنده آباد ٿئي !
محبت زنده آباد ٿئي !

## جواني ڪين ڪڙهي آهي

اسي سالن جي جهوني مان،
نياڻي ڪين اڙي آهي،
ڪُراڙي عشق جي خاطر،
جواني ڪين ڪڙهي آهي.
اُتي تو رات آڌيءَ جو
ڪري تو پيٽ ڪي ڪاري،
ڪڏهن هي موت ماٽيندو
محبت جو مؤ ماري،





سنياري تن لمحن ڪي،
ڪهاڻي هي مڙهي آهي.
ڦٽا هِن گونچ چاهت جا،
ڪري ناسي وڏيرو تي،
اُتي ئي نفرتي توهر،
وري باسي وڏيرو تو
حياتي زهر تي ويئڙي،
چري دل ڪا سڙي آهي.
روئن تا پارڙا ننڍڙا،
سڏن تا ماءُ جيجل ڪي،
اسان ڪي ماني ڳيڙو ڏي!
چون تا ماءُ جيجل ڪي،
اتو لپ ڪونهي پاتيءَ ۾،
تمنا بي وڙي آهي.
حڪم ڏيو نيٺ هاريءَ ڪي،
ويو ويچارو بيگر تي،
پٽيان جوٽس ويم هاڻي،
ڏيو بيڪارو بيگر تي،
ڪنهن مُڪڙي جنم ماٽيو آ،
خوشيءَ مان دل ٽڙي آهي.
ٻري ڪان درد جي تيلي،
اڌورا خواب رک تي ويا،
ملي هُئي باهه ٻڪيا ۾،
سمورا خواب رک تي ويا،
لکي جو ليک لکجي ويو،
جلي ڪا جهوپڙي آهي.

# نه ٿيندي عاشقي پوڙهي

نہ ٿينديون محبتون جهونيون،
نہ ٿيندي عاشقي پوڙهي.
نہ ٿيندا خيال ڪلراٺا،
نہ ٿيندي سوچڙي ڪوڙهي.
نڪورا ٿهڪ مائن جا،
ٻڌڻ جون ڪوڙ تمنائون،
سُريلا ڇهڪ ٻانهن جا،
ڏسڻ جون ڪوڙ تمنائون،
ڊگهيري سڪ جي موسم،
وِٿيري ڇڪ جي ڇوڙي،
نہ ٿيندي عاشقي پوڙهي.
اچانڪ بوند جا قطرا،
ڳلن جي ديس تان برسيا،
چري ڪنهن ياد جي شبنم،
چُميا رُخسار مُرڪن جا،
ٻڌي جي ٻي ڦڙي موسم،
چري ڪنهن چاڳ جا چرچا،
سُڳي ءِ سُهاڳ جا چرچا.
هي منهنجون چاهتون زخمي،
هي منهنجو ڀاڳ اڻپورو،
ڪشاديون ڳوٺ جون يادون،
گهٽي هِن شهر جي سوڙهي،





نہ ٿيندي عاشقي پوڙهي.
متان تون مامرا سمجهين،
ڪنڊا هي ٻاٻرا سمجهين،
انهن جي اوٽ مان پيرا،
لتاڙي درد آيا ٿئي،
جيئڻ جي جاڳ جا جيرا،
سمهاري سور آيا ٿئي،
اجاري عشق ۾ پلڪون،
صفا ٿمٿار ٿي ويون هن،
سڪيءَ جي سار ٿي ويون هن،
متان ان شڪ ۾ وچڙين،
سُرهي هن سنڌ جي مائن،
ڄٽڻ هوشو ڇڏيا آهن،
ڄٽڻ دولهہ ڇڏيا آهن.
ڪٽي ڪو اک جي ڪاري،
اسانجي پونءِ ڏي ڏسندو،
سوين دودا اُٿي پوندا،
لکين ٻاگهيون اهيو چونديون،
متان اي سنڌ جا گُونڌر !
متا منهنجا پرين ڀائر !
مرڻ جي خوف کان موٽين !
اسان لئہ لوڪ جا طعنا،
گُلن جي ويس ۾ اوتين !
نجومين اڳ ڪٿي ڪئي آ،
نہ ڄمندو ڪو هتي ڪانئر،
نہ ٿيندي ڳالهہ هي ڪوڙي،
نہ ٿيندي عاشقي پوڙهي.

## ها جانان!

جنهن ويل جواني ۽ جذبا،
جنهن ويل نگاهون ۽ ناتا،
آزاد اُڏارون ڳائيندا،
مدهوش سُرن کي ڇيڙيندا،
هر ريت نرالي ٿي ويندي،
هر ڍونگ ٽُٽي نابود ٿيندو،
هر گيت بهارون ٿي ايندو،



چنڊ آ ٻانهُن ۾

تنهن ويل تنهاين جي رج ۾،
مان روشن ڏيئي جيئن جرڪي،
ڪن اونداهين کي مات ڪندس،
۽ ماڳ وري موٽي ايندس،
جنهن ويل پکيئڙن جا ٽولا،
بي خوف فضا ۾ اُڏندا پيا،
جنهن ويل اسر جي آهٽ تي،
ڪي ناريون ڪانڌ پڪاريندي،
ڪانگن کي لولا پيون ڏينديون،
جنهن ويل پرھ جا پاڇولا،
اهڃاڻ اکيرن جا ٿيندا،
جنهن ويل صبح جي سرد هوا،
مايوس ادائن جي مُک تي،
مُرڪن جا ٽانڪا ٽانڪيندي،
ان ويل ڏکڻ جي ڏور ڏسا،
هڪ شوخي شعر نچائيندي،
ڪو ٿهڪ مسيحا پيو ڏيندو،
اڻ تڻ ۾ پاڻ وڻائيندو،
سو وقت مناسب جاچيندي،
مان پنهنجو پنڌ ڪٽائيندس،
تون در جي چائنٺ تي هوندين،
مان ٽُنهنجي لاءِ دنيا جا،
ڪُل پيار پريا ۽ دل گهريا،
ها ! لمحا قيد ڪرائيندس،
ها جانان ! مان موٽي ايندس،
ها جانان ! مان موٽي ايندس.

## عورتن جي تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ عظيم ڪردار مئڊم ڪملا

### پونم جي نانءَ

جهالپڻي جي اونداهيءَ مان
سوجهاڪي جو سورج اڀريو
ميون واري شهر ٽنڊي ۾
سچ علم جون شاخون ڪوڙيون
وقت مسافر واڳون موڙيون
جنهن ڪي هاڻ مٺيءَ جا ماڻهو
مئڊم ڪملا چوندا آهن
تاريخن جي جهوني بت جا
چپ ڪي چيري چپ چرن ٿا
تون ئي پرمل تون ئي ٻاگهل
تون ئي بختو آسو ڪملا
ڪارونجهر جيئن تنهنجا جذبا
اڄ ٻي پختا اڄ ٻي ارڏا
تنهنجي سوچ سنڌو جون ڇوليون
جن ۾ سچ امن ۽ مرڪون
۽ ها پيار لڏن ٿا لوڏون
ساروڻين جا خيال لڇن ٿا
ماضيءَ جا احوال اڏن ٿا
تنهنجو جِيوَن جوتون آپا !
جنهن ۾ سچ جا نينهن نياپا
جهالت جو راڪاس رڙهيو پي





هرڪو پنهنجي سور سڙيو پي
اونداهه جي ان دور اونڌي ۾
لاٽ علم جي ٻاري تو هئي
پنهنجي ننڍ پڙهائڻ خاطر
اوجاڳن تان واري تو هئي
مٺي دور انهيءَ کي ساري
توکي ڏاڍو ياد ڪري ٿي
دل سان توکي داد ٻه ڏي ٿي
ڪاري دور انهيءَ ۾ ماتا
ڌيءُ پڙهائڻ عيب سڏيو ويو
خوب تنين لئه جاکوڙيو تو
کوڙ نياڻيون تو سان گڏجي
اسڪولن ڏي ڊوڙي نڪتيون
۽ ها ! پوءِ راڄ پڙهي پيا
ڪوڙهيا ماڻهو ڪوڙه ڪڙهي ويا
تنهنجي محنت رنگ رچايا
سچ جا سونا سنگ پچايا
ڪن ۾ جوت جيئڻ جي جاڳي
ڪن جا سپنا ساپيائون ٿيا
سارا سي اڄ ماڻهو ميڊم !
تنهنجي ساراه ساراهن ٿا
اڄ پڻ کوڙ دعائون تن جون
سانجهيءَ ٽاڻي تو لاءِ نڪرن
شال جڳا جڳ جيجل جين تون_!
شال جڳا جڳ جيجل جين تون_!

## روپلو ڪولهي

وسي پيو هيل آهي تر
مگر تون ننڊ ۾ آهين _!
اڙي او روپلا ڪولهي!
جڏهن پيي گوڙ گرجي تي
لڳي تو ٿهڪ تون پيو ڏين
جڏهن پيي وڄ ڪڙڪي تي
لڳي تو ايئن سنڌ ڇاوا_!
تنهنجي تلوار تيزيءَ سان
پليتن کي وڍي تي پئي.
ميون ٿا هيل سانوڻ ۾
بدن تر جو پنو آهي





مگر تو رت پنهنجي سان
ڌنو جو ريج ريتن کي
انهيءَ مان عشق اوبڙ تي
ڦُٽي پيو تو ڦٽي پيو تو
تنهنجي تان تات ۾ روپا !
نديءَ جيئن نير وهائيندي
ڏکن جا ڏينهن ڪاٽيندي
وساٽيل آهي ڪارونجهر
اداسيل آهي انچلاسر
مگر تون مند منڙيءَ ۾
الاهي چو رُتل آهين؟
لڳي تو جهوڪ واري جي
ڪچهريءَ ۾ رُڏل آهين_.
ڀتائي پُٽ تنهنجيءَ تي
ڏئي پيو داد دلڙيءَ سان
ادي ڀاڳهل چُنيءَ سان ڏس
پگهر تنهنجو سڪائي پئي
پريندي پنهنجي پاڪر ۾
نرڙ دودو چُمي تو پيو
هيڏانهن هي سنڌ ساري ڏس
تنهنجي لاءِ لُڇي تي پئي
جميل هر ڀار نيڙي ڪان
تنهنجو روپا ! پُڇي تي پئي
اُٿي تون اونگهه مان هاڻي
ننگر جا لاڏلا نينگر!
ننگر جا دادلا دلبر !

# ڪارونجهر جي ڪنڌ ڪولهين جي ڪٿا

رڻ جا راهي روپا ڪولهي !
جنهن لا وڙهندي ماريو وئين تون
تاريخن ۾ ساريو وئين تون
ان ئي ڪارونجهر جي پر ۾
ڪولهين سان ٿيو قهر وڏو آ
ڏک جو ٿي ويو پهر وڏو آ
جن هو ڪارونجهر کي پوڄيو
تن جا ماٿا نيڻ پڇن ٿا؟
ڪهڙو پاپ اسانکان ٿيو جو
ايڏو جلدي ماريا وياسين
جِيوَن جي هن آلي اک مان
ڳوڙها ٻچي هاريا وياسين
پتياڻيءَ جي پر ۾ بيٺل
هڪڙو ٿوهر سڏڪي پئي ٿو
سانگاه ڍنڍ ڏي ايندڙ آڙيون
پنهنجا آلا نيڻ اگهن ٿيون
ڪونجيون اپ ڏي ڏور ڏسن ٿيون
پنهنجي پر ۾ نيري چٽ جي
مالڪ ڪان هڪ سوال پڇن ٿيون؟
داتا ! تنهنجي معصومن سان
هيڏا هاڃا ڪير ڪري پيو؟
مندر تنها ويڳاڻو آ
ڪنڌ ۾ هڪڙو ديپ ٻري پيو
ايشور آهي پنهنجي ڏن ۾





پر هي ڏيئو سوال ڪري ٿو
او ان داتا ! او ڏن داتا!
لوڪ ستو هو تو ته ڏٺو پي؟
پر سي پاپي مرڪن ويٺا
جن آ ڪجلاسر جي روح ۾
ناحق سان ناسور بڻايو
انچلاسر جي آثارن کي
پل ۾ چڪناچور بڻايو
※"سامي ويري" مانئي چو آ؟
ڪوسي جو من سوال ڪري ٿو
ڳڳهلڻ پر ۾ ويٺل هڪڙي
ڪولهيءَ جو روح جام روئي ٿو
اپ ڏي هن جا نيڻ اڏن ٿا
مالڪ ڪان ڪو سوال پڇن ٿا
هرڪو ماڻهو مانيءَ خاطر
هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي پيو ٿو
ڪنهنکي ورلي قياس اچي ٿو
جيڪو تنها روئندڙ وياڪل
لڇندڙ من کي آٿت ڏي ٿو
"توکي مالڪ ڪونه ڇڏيندو
پاپين جو پڻ وارو ايندو"
ڌرتي تن جا لاش ٿڏيندي
جن هي ناحق خون وهايو
تن کي متي ماتا پنهنجي
ڪک ۾ ڪائي جاءِ نه ڏيندي
ڪک ۾ ڪائي جاءِ نه ڏيندي.

※ مسڪين جان خان ڪوسي جو ڳوٺ.

## ڏياريءَ رو ڏيئو ڏٺو

سال پڄاڻا ساروڻين جا،
ٿلندي ٿولا ماڳن موٽيا،
ڪي من مُرڪيا ڪي من سڏڪيا،
دلڙيون ڌڙڪيون جذبا ڦٿڪيا،
پيغامن جي پيهه پڳي هئي،
هڪڙو جملو ورجايل هو
ڏيئن واري عيد مبارڪ!
منهنجي من جي چار منجهان را،
احساسن جا ڳيرا اُڏريا،
ڪهڙي هيل ڏياري ٿيندي؟
ڇا لاءِ هيل ڏياري ايندي؟
نيڻ ڀنا هئا ماضيءَ ساري،



چنڊ آڀانهن ۾

خوب رُنا هئا ماضيءَ ساري،
ڳوٺ انهيءَ ڪان ڏور ٿياسين،
جنهن ۾ ٻاروتڻ ۽ جوڀن،
مرڪن سان گڏ ماڻيو هوسين،
هاءِ! نبيسر ڪيئن وساريون؟
دلبر منظر ڪيئن وساريون،
هڪڙو درد اُماڙي بڻجي،
سارا سپنا خاڪ ڪري ويو
مُرڪن جا بند تاڪ ڪري ويو
درد انهيءَ جي گهري وڍ تي،
مت جي موڙهن سوچيو ناهي،
چو ته انهن ڪجهه ڀوڳيو ناهي،
لولين سان هڪ سور سمهاريم،
تيسين چيخ ڪنن سان ڪڙڪي،
ڪنريءَ ۾ ڪو قهر ٿيو هو
جِيوَن بڻجي زهر ويو هو
شاعر ڏيئا ٻاريندين تون؟
حولي جي لڄ سوال ڪيو هو
رت جي راند وساريندين تون،
ليلان جو رت سڏڪي پيو هو
پنهنجي پر ۾ ڦٽڪي ويٺس،
جيسين ڏانٿا معصومن جا،
ڪٽڪن وانگي ڪنڌ ڪٽيندا،
جيسين پاليل لوسي ڪُتا،
ڪنهنجو انگ ۽ ننگ تڪيندا،
تيسين ديپ نه ٻاريو ويندو،
هوليءَ تي پڻ هيج منجهان را،

کنهن تي رنگ نہ هاريو ويندو،
پر ها ! ديپ تڏهن ئي ٻرندا،
جليل جيءَ تڏهن ئي ٺرندا،
جنهن پل مُنهنجي جيجل سنڌ مان،
ڪانئر ڏور ڀڄايا ويندا،
شاهہ سچل ۽ ساميءَ جا ها،
واڪا ئي ورجايا ويندا،
پنڇي ورندي آکيرن ڏي،
ڪونہ ڪڏهن ڀي ماريا ويندا،
اکڙيون ڳوڙها ڪونہ ڄٽينديون،
ڪونہ جوانيون قيدي ٿينديون،
ڪونہ وڇوڙا ويري ايندا،
گهوٽن کي نہ گهايو ويندو،
گهونگهٽ مرڪون آڇيندا پيا،
مائون پنهنجن موڀين جي لا،
مٽين وارا موڙ ڀرينديون،
وقت انهيءَ ۾ دير نہ آهي،
نيت تہ سچ جو سورج اڳندو،
پوءِ ڀرين تون مون وٽ اڄجان،
گڏجي ٺهڪ اُڏاريندا سون،
ديپ امن جا ٻاريندا سون،
خوف ڦٿاڪا ڦاڙيندا سون،
ٻاروتڻ کي ساري سانول!
لفظ اُهي ورجائيندا سون،
”ڏياري رو ڏيئو ڏٺو
نندو وڏو چيڙ منو“





## بشير خان قريشي جي وڇوڙي تي لکيل

هڪ ماڻهو مئو ناهي
هڪ دور مري ويو آ.
هُو سنڌ تي سوچڻ لاءِ:
سَيد ڏانهن لَڙي ويو آ.
هُن جوان دليون کيڙي
هئا خواب نوان پوکيا.
هُن سنڌڙي ماتا لاءِ
هئا باب نوان پوکيا.
هُن مائن جي مُک تي:
مُرڪون ٿي ڏسڻ چاهيون
پيٽن جي چَپن مان پُڻ:
ميندُون ٿي ٻُڌڻ چاهيون.
جهيڙَن کي نبيريو هُن!
ايلازَن منٿن سان.
۽ پيار ورهايو هُن!..
هو مُرڪن ٽهڪن سان.
هُو زَخمي سنڌوءَ جي
زَخمن لئہ مرهم جين هو
هُو اُجڙيل آسن لاءَ:
آسيس ڪرم جين هو.
هُو مَرد قَلندَر هو.
محبَت جو مَندرَ هو.
هيڻن ۽ يَتيمن لئہ:
هُوڏَي جو ڏُونگر هو.

هُو ٿيج ملهائڻ لئه:
۽ قرض چُڪائڻ لئه.
هن سنڌڙي ماتا جا
سَڀ سُورَ سُٺائڻ لئه.
اڄ ڏُور ڏسائن ۾
دودي ڏانھن لَڙي ويو آ
ها!هوشو هيمون ۽:
رَتَ ڏيئي اَمرَ ٿيندڙ
هر سنڌڙي جي سورهيه:
جوڌي ڏانھن لڙي ويو آ.





## اسانجو عشق جو ڳيئڙو

وڄن ٿيون سونھن جون مُرليون
نچي ٿو عشق نانگڻ جيئن
هٽن ٿا نيڻ ڪي جُھمريون
وجھن ٿا ويڻ ڪي ٺُمريون
ڪڇن ٿا درد جا خيما
ڪُڇن ٿا نينھن جا نيزا
جُڳن ڪان جوڳ جا پيندڙ
وٿي ۾ پيار پاليندڙ
اسين هون پاڻ جوڳيسر
اسانجو عشق جوڳيئڙو
اسان دل جي هڙوٽي ۾
وجھون ٿا سار جي بکيا
رُلون ٿا راڄ رُوحن جا
چڙھن ٿيون چاهتون چڪيا
اسان جي ها نگاهن ڪي
پريتم ياد ايندو آ

مگر ڪورين ادائن کي
سمورو جڳ نديندو آ
اسانجا نيڻ اوجاڳيل
اسانجا پيار اوجاڳيل
اسين هون پاڻ جوڳيسر
اسانجو عشق جوڳيئڙو
ڪٽيندي روڳ رولاڪيون
اسانجا پير زخمي ٿيا
تڪيندي تڙپ جون تاڪيون
نماڻا نيڻ برسي پيا
سدا هن سين جي سُر کي
زماني جام ٽوڪيو آ
اسانکي پيار کان هر هر
عقيدي جام روڪيو آ
گلي ۾ گودڙي گيڙو
نرڙ تي ٽي ڦنگو ٽيڙو
اسين هون پاڻ جوڳيسر
اسانجو عشق جوڳيئڙو_!





## وساري روح ٽيشڻ تي

وساري روح ٽيشڻ تي
مسافر موڪلايو هو
وڃي هئي سينڍ جيئن سيٽي
ٽُٽا هئا بند نيڻن جا
ٽميا هئا درد جا ڳوڙها
لڏيا هئا هٿ ڪڙڪيءَ مان
مگر هر سوچ سانڪوري،
رڙهي سا ريل گاڏي هئي
انهي ئي ريل گاڏيءَ جي
صفا بس آخري سِٽ تي
ٻُڪن ۾ پاه ڪاٽيندي
ڏُڪن جا گادلا اوڍي
ستل هو جهور جهونو ڪو
پريان ٻي سيٽ تي ويٺل
نئون پرڻيل ڪو جوڙو هو
هٿن تي پور مينديءَ جا

چپن تي مور مرڪن جا
دريءَ مان ڏور جاچيندي
اُنهن ڪان ٿهڪ نڪري ويا
تڏهن هُو جاڳ جهاڳڻ لاءِ
اُٿي پيو اونگھ مان پوڙهو
وڏائي هٿ جوڙي ڏانهن
ڪيائين سوال مانيءَ لاءِ
ٻڌي آلاپ پوڙهي جا
ڀُسي پيا نيڻ وينگس جا
اچي ويس ياد بابل جي
ڀري ڏچڪا رني ڏاڍي
سندس ور ڳوٿري ڪولي
ڪڍي هُئي لپ ڀڳڙن جي
ڪراڙي جي اکين ۾ پڻ
جيئڻ جي آس جاڳي هُئي
سمورا سور وسري ويس
سمورا درد نبري ويس.
تڪڙ ۾ جيئن اٿيو پوڙهو
اچي ويس اوچتو ٿابو
سيئي چارا جياپي جا
لمحي ۾ مات ڪائي ويا
ڪٽي ڪا آس مانيءَ جي
حياتي موڪلائي وئي
بنا ڪنهن روڪ جي گاڏي
هلي وئي ڏُور منزل ڏي_
هلي وئي ڏُور منزل ڏي_!





## مان ته ڀِنگڻ جي ٻهاري واڱيان

تون ته اُٽين ٿو ڪپڙا ڪوري
مان ٿو ٽانڪيان ٽونئر اکين ۾
تون ته ڳنڍين ٿو جُوتا موچي
چتيون ڏيان ٿو مان دلڙين کي
تون ٿو جوڙين گهرڙا رازا
سپنن جا مان محل اڏيان ٿو
چوڙيون ٿو تون چوڙگر ٺاهين
مان ٻانهن جا درد لڪان ٿو
تون ته چِڏين ٿي ڪارڪ گوري
مان ته لکان ٿو شعر چُنين تي
تون ته ڪڙين ٿي هُرمچ گج تي
مان ته ڀِڙن جي سونهن جو قيدي
تون ته ڪرين ٿي ناز اکين تي
مان ته چڙن جا چاڳ ڪٽان ٿو
تون ته چوندين ٿي گُلڙا مالهڻ
پوپٽ کي مان آتش ڏيان ٿو
هيل ڪٽين تون خوب ڪلين تي
مان ته گهڙن جا گهاءَ پڙهان ٿو
تون ٿو مارين مور شڪاري
هرڻين جا مان لُڙڪ اگهان ٿو

واڍا! لڳ وڍين ٿو وڻ جا
مان تہ پکين سان پار ڪيان ٿو
تون تہ مٽيءَ کي ماري ڳُنير
روز دلا ۽ ڪونڊيون ٿاهين
مان تہ مٽيءَ کي سُونگهي سُونگهي
ساهُن ۾ سُرهاڻ ڀريان ٿو
تون تہ بڪايل ڌرتي ماءُ کي
ان ٿو ارپين منٽڙا هاري
مان بہ اُنهي ئي ڌرتي ماءُ جي
پيٽ بڪايل خوب اجايل
معصومن جي مرڪ ٿيان ٿو
تن لاءِ ننڊڙا گيت رچيان ٿو
تون ٿو وارين وڳ اُٺن جا
منهنجا پيارا اوٺاري او
تون ٿو ڌڻ ڍڳين جا چارين
لُنڊين جا ٿو راڄ لتاڙين
مان ٿو چاٽان پيرن جا پنڌ
مان ڀي توسان عشق ڪيان ٿو
تنهنجي لڦڙين تي او راٽل
تنهائيءَ ۾ لاڏا ڳايان
۽ او سائين سُهڻا سُٿرا
تنهنجو جِيوَن اُجرو سُجرو
مان تہ ڀنگڻ جي ٻهاري وانگيان
جي تون ڪچرو روز ڪندين پيو
مان پُڻ تنهنکي ٻُهاريندس پيو
مان پُڻ تنهنکي ٻُهاريندس پيو.





## تو تي اڪساڄ شئمپين جو واسو ميو!

روح رڻ جي مٿان رات بادل وَٺا.
دل جي ڌرتي ڀني درد ٿوهر ڦُٽا!
منهجي دانهُن جي پيرن ۾ سنگهرون لڳل:
منهنجي ڳُوڪن ۾ ڪوڪا ۽ ڪليون ڪٽل.
منهنجي سوچن تي طعنن جا تالا هنيل.
منهنجي خيالن ۾ نيئر ۽ پئنڊون ٻڌل!
منهنجي مُرڪن کي باندي بڻايو ويو.
منهنجي ٽهڪن کي ٽانڊن تي ساڙيو ويو!
تنهنجي گُلڙن هٿان ڪال هه گهايو ويس!
مون تہ مالهي ٿيئڻ جا هئا سپنا ڏٺا
روح رڻ جي مٿان رات بادل وَٺا
دل جي ڌرتي ڀني درد ٿوهر ڦُٽا.
تو نہ ڳيرن جون ڳالهيون ٻڌيون هن ڪٿي؟
تو نہ ڪونجين جي تڙپڻ کي محسوس ڪيو!
رات راٽي وراٽيون ٿي ڪنهن لئہ وجهي؟
توکي آرن جي پارن جو ڪهڙو پتو!؟
پوپٽن جون اڪيون خواب ڪهڙا ڏسن؟
پونئرن جا بدن ناچ چالئہ ٿا ڪن!
۽ ڀنيوريون هوائن ۾ ڇو ٿيون رُلن!؟
توکي جڳنو جي پچرڻ جو ڪهڙو پتو!
پَن لوڏي پپر ڪنهن جي آجيان ٿا ڪن!؟
توکي لامَن جي لڙڪڻ جو ڪهڙو پتو؟
تو تہ بَنگلن ۾ مورن کي قيدي ڪيو
مون تہ ڍيلن جا ڳوڙها هئا رُئندي اُگهيا.
روحَ رڻ جي مٿان رات بادل وَٺا
دل جي ڌرتي ڀني درد ٿوهر ڦُٽا

تو جوانين کي ڪُچلڻ جي ڪوشش ڪئي
تو خوابن کي ٽانڊن تي سيڪڻ گُهريو.
تو وفائن جي جسمن جون ڇاتيون پٽيون
تو دغائن جي ٽهڪن کي پانڪر پريو
تو ادائن جي وينگس جو گونگهٽ گُهٽيو
تو نگاهن جي اُرهن کي ڦاڙي ڦٽيو
تنهنجي ڳالهين مان رت چاڻ چٽندي وتي
تو مان انڌڪار ايمان وٺندي وتي
تون ذلالت جي بُت مان بٽايل مرون _
تون ڪميٽپ جي ٿاه نوه مان ناهيل مرون_
تو کي لعنت بُجا وقت ڏيندو رهيو
تو تي اڪساچ شئمپين جو واسو هيو!
مون تي جيجل جي ٿَج جا هئا گهرا نَشا_.
روح رڻ جي مٿان رات بادل وَٺا
دل جي ڏرتي پني درد توهر ڦُٽا._





## لکان چا لوڪ آکاڻي

لکان چا لوڪ آکاڻي
بکايل ديس منهنجي جي
اجايل ديس منهنجي جي
چون ٿا هن مهيني ۾
ڏياري جا ڏيئا ٻرندا
سمورا خواب رک ٽيندا
چوي مايوس تي دلڙيي
ڪويتا کا لکي وٺجي
لکڻ جي لاڏ کان پهرين
اياڻو من سوچي ٿو
نکين ڪنهن رام تي لکبو
نہ ئي بنواس تي لکبو
مگر هر من موڳي جي
اڌوري آس تي لکبو
ڪُتل هر گهوٽ تي لکبو
ڦتل هر پاڳ تي لکبو
چنل هر موڙ تي لکبو
ٽُتل هر سهاڳ تي لکبو
ذهن جي زور تي هاڻي
هلون ٿا ڪيڪڙي سهاري
پٽن جي پار ڏي جانم!
جتي جي جهوپڙين جنميو
صدورو روپلو ڪولهي
انهن جو حال ڪهڙو آ
اُهي ڪيئن ديپ ٻاريندا
جنين جا پير ايراڻا
اهي ڪيئن ديپ ٻاريندا
جنين جا ويس ميل هاڻا

جنين جا پير اپراٺا
اهي ڪيئن ديپ ٻاريندا
جنين جا ويس ميل هاٺا
اهي ڪيئن ديپ ٻاريندا
مجون ٿا ديپ ٻارڻ لئي
ڪپي ٿو تيل ۽ ڏيئو
مگر هي هانوءُ پاٺي لئي
اجان تائين اجارو آ
ڪٿان سو تيل آڻيندو؟
ڪٿان سو ديپ ٻاريندو؟
چوي دل ٿي ڏيئو ٻاريان
مگر هي راز روڪي ٿو
اندر ۾ درد اوتي ٿو
خوشين کي خوب ٺوڪي ٿو
ورهين کان ويڙه جاري آ
پنهنجن معصوم ٻچڙن لئي
پره کان پاڪ پٽڙن لئي
سهي ٿو لانگ بوٽن جا
رڳو ٺيلها رڳو ڏنڊا
مگر هُن پيل منو جا
ارادا ڪونہ ٿيا منڊا
وري ٻيو ورق واريندي
ڏسون تصوير ٿا ڪهڙي؟
اُها آ وارتا هيئڙي
جهڏي جي چونڪ تي بيهي
وڏي واڪي ڪپائڻ لئي
ٻچن جا اگهه لڳائڻ لئي
ڪري آلاپ پيو ڪوئي
ڪري ورلاپ پيو ڪوئي
ستارا سوڳ ۾ آهن
هوائون سانت ۾ آهن
مٿان آ بوند بازي ٿي
اهيا برسات ناهي ڙي!





اهيو آڪاس روئي پيو
چريا دلڙي مٿان لاهين
وري ها ڏيئڙا ٻرندا
ڪڏهن هت ڏيئڙا ٻرندا؟
تڏهن هت ڏيئڙا ٻرندا
جڏهن هن ڀون منهنجي ۾
ڀٽائي شوق سان سٽبو
رڳو راڻو رڳو مورو
رڳو نڙ بيت پيو ٻڌبو
ڪچي ۽ لاڙ جا مارو
جمالا خوب ڳائيندا
اباڻا مارئي جا ڀي
همرچا خوب ڳائيندا
تڏهن هن ديس منهنجي ۾
وفا جي وٿ جي سهاري
امن جا ڏيئڙا ٻرندا
اڪنڊ جا ڏيئڙا ٻرندا

## ٽرڊيم

ماروئي جا ديس واسيو
چالئي ستا پيا آهيو
آن جي ننگن ڏي ڪنهنجون
پاپي اکيون تڪن پيون
آن جون ٻنيون ۽ سيمون
آن جي هٿان وڃن پيون
سازش آ سامراجي
جنهن سان لُٽيا وڃو پيا
۽ مات هي اوهان جي
واسينگ جين اوهان کي
ان ڏينهن ڏنگ هڻندي
جنهن ڏينهن ڪرين
craneآن جو
لوڙهو پٽي ڇڏيندي
ان ڏينهن دانهن ڪنهنکي
منهنجا ادا تون ڏيندين
هن ديس کي دلالن
وڪڻ اڳي ٻہ چاهيو
پر ڙي او پاءُ منهنجا
نُهٽي جي هڪ نياڻي
ٻُختو کي ياد ڪر تون
هڪڙو سلام ڪر تون
ان جي اٽل ارادي





ڏارين کي دور هڪليو
منهنجا ادا ٻڌي ڇڏ
منهنجا مٺا ٻڌي ڇڏ
سندرو نہ جي ٻڌو پان
پنهنجو هي ديس ٽڙڻو
پنهنجي هٿن مان ويندو
چمڙا فروش ڪانئر
پنهنجي وڏن جا هڏڙا
کوٽي کڏي ڇڏيندا
پنهنجين ونين جون چاتيون
رت جا ڦڙا ٽمينديون
پنهنجيون اديون الاڙي!
چا چا نہ پاءُ سهنديون
ماتو نہ ٿي او ٿريا
توکي قسم امان جو
تنهنجو هي ديس تولئي
جيئڻ جي جاڳ آهي
تنهنجو هي ديس تنهنجي
ٻچڙن جو پاڳ آهي



# چوسٽا





⦿

وري رات آئي ڪٽي سار تنهنجي،
ستارا بہ سُڏڪيا، ڏسي حال منهنجو.
سنهين چيلهہ ڪائي، ڪڏهن يار! ڇُهندي؟
ڏسون ير! ڪڏهن ٿو ٿئي پال پنهنجو؟

⦿

جڏهن نيڻ پنهنجا سُڏڪيا پئي،
تڏهن ير الاءِ ڇو هو مُرڪيا پئي!
ڀنل نيڻ منهنجا ڏسي بزم ۾:
الاءِ ڇوءِ ڇا لاءِ ٽُڪيا پئي!؟

⦿

وڇوڙا وساري، سُتاسين وري،
سندا سُور ساري، ستاسين وري،
چمن چتّ پنهنجيءَ ۾ پائي ليئا،
ڪيل قول پاري، ستاسين وري.

⦿

سڏڪا سڏڪا ٿي پئي ذات،
اکرن ۾، احساس لُڇيو پئي.
ڏونگر پوبان سچ لٿو پئي،
ڪنهن کي ساري، ڪو تڙپيو پئي

⦿

مندر مسجد سيڪو ويندو،
ڪنهن جي من ۾ پر ڪو ويندو.
جيڪو داتا دل ۾ آهي،
تنهن ڏي پلجي ڪو ڪو ويندو.

⦿

ڪلهه سچ لٿو هو جيئن، تيئن اڄ به لهي ويندو،
جي ياد ڪندين ڍوليا، ڪجهه درد لهي ويندو.
مُرڪن جي وچوٽين کي، ايڏو نه وڌا سانول !

جوڀن جو مٺا جلدي، بس چنڊ لهي ويندو.

⦿

هڪ چنڊ مٿي اُڀ تي
ٻيو چنڊ آ ٻانهُن ۾
مون پيار ڏٺو آهي
جنهن جي نه نگاهن ۾



چنڊ آ ٻانهُن ۾

